# هوندا سي حيات




مصنف:-

ڪنڀار مولا بخش "منير"

# هونداسي حيات

از

## ڪتياڻ مولا بخش منير

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇاپو پهريون — تعداد هڪ هزار

سال ١٩٧٤ — قيمت:

M.H. Panhwar Trust Library

آئون هي ڪتاب پنهنجي محسن استاد جناب محمد
اسماعيل مگري صاحب جي نالي منسوب ٿو ڪريان، جنهن
جي نصيحت ڀريل لفظن منهنجي هر قدم تي رهنمائي ڪئي.

”مصنف“

سونهري جرن ۾ لکڻ لائق آهي هي عوامي دور اسانجي پاڪستان جي تاريخ جو سونهري دور آهي. هن دور ۾ ٿيل اصلاحات ملڪ جي تقدير بدلائي ڇڏي آهي ۽ اسانجي قائد عوام هن ملڪ جو ٻاهرين دنيا جي ملڪن ۾ مان مٿي ڪيو آهي، پاڪستان ۽ اسانجي قوم جو نالو مٿي ڪيو آهي، اسين خوشحال آهيون، تنهن کان سواءِ اسين خوش نصيب آهيون جو اسانکي اهڙو قائد مليو آهي. جنهن جون مدبرانه صلاحيتون جفاڪشي، محنت، قرباني اسان لاءِ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه بڻيل آهي.

اسانجي قائد جو هر ڪو ڪم سندس تدبر کان ورتل هوندو آهي، ۽ هر ڪو فيصلو مدبرانه ۽ منصفانه هوندو آهي هن خدا داد مملڪت اسلامي جمهوريه پاڪستان کي دنيا ۾ سرخرو ڪرڻ وارو قائد عوام ۽ فخر قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب آهي.

منهنجي دعا آهي ته خدا تعاليٰ کيس دراز عمر عطا فرمائي. آمين

"ڪنهاڙ مولا بخش منصر"

# عرض حال

آئون ڪو اديب، عالم نه آهيان، مگر هيءَ منهنجي پهرين ڪوشش آهي، انسان خطا جو پتلو آهي جيڪڏهن مون کان ڪا ڪوتاهي ٿي هجي ته اوهين منهنجين غلطين کي نظر انداز ڪندا ويندا ۽ پنهنجي قيمتي راين سان مون کي نوازيندا ويندا ته جيئن ايندي ڀيري آئون اهڙين ڪمين بيشين کي دور ڪريان

والسلام
ڪٽياڙ مولابخش "مخمور"

# عرض مصنف

اڄ هي ڪتاب توهان صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪندي مونکي حقيقي خوشي حاصل ٿي آهي، ڇا ڪاڻ جو هن ڪتاب لکڻ جي عظيم ذميداري مون پوري ڪئي آهي.

هن ڪتاب جي لکڻ ڪري مون ڇا ڇا نه سٺو، لوڪن، ڏنـاون طعنا ۽ مهڻا، تڪليفون، دکـ، سرديون ۽ گرميون سهڻ ۽ اکيون، در در، ڀٽڪڻ، مگر اِهي سڀ ڳالهيون سر تي سهي پنهنجي ارادي کي مضبوط ڪندي مون پنهنجي ڪوشش کي جاري رکيو، هن ڪم جي ڪن احبابن آجيان ڪئي نه ڪن مرڳو دلشڪستو ڪيو ۽ واهياري قسم جي گفتگو ڪئي. مگر آئون پنهنجي ڌن ۾ مگن رهيس ۽ ڪنهن به ڳالهه تي توجهه ڪونه ڏنم، ڪيترن حضراتن لوٽ آئون بار بار ويس مگر هنن ڇرڪرو سمجهي مون کي نظر انداز ڪيو، اِهوئي سبب آهي جو جڏهن به آئون وٽن ويس پيا ته موجود هوندي هئا پيا ته ڏلل ناهيم تي ملاقات جو شرف به نه بخشي سگهيا، آئون بي معيار آهيان ڇا ڪاڻ جو مون کو ورلي ڇڏيو هوندو مگر پوءِ به دڙيوڳي مون ڏانهن هوت ڏي ڏ هڪڙي سو انهن وانگر جن صاحبن جا خيالات هن جلد ۾ نه اچي سگهيا آهن تن کي آئون وري نماڻو عرض ڪندس ته سندن قيمتي خيالات هونداپو حيات جي ايندڙ جلد انشاالله ڇپيا ويندا.

# شڪريہ

آئون انهن سنڌ جي سپوتن جو شڪرگذار آهيان جن پنهنجو قيمتي وقت ۽ پنهنجا خيالات ڏيئي مون مسڪين جي حوصلہ افزائي ڪئي، انهن کان سواءِ پنهنجن قيمتي رائن ٻار ٻاپوره سان تعاون ڪيو ۽ وڌ ۾ وڌ مهربانيون ڪيون، جن ۾ جناب مخدوم محمد زمان طالب المولي ۽ جناب پير غلام رسول شاه صاحب جيلاني جن کي وساري نٿو سگهجي، آئون اهي ٿورا ڪڏهن بہ لاهي نہ سگهندس، اهڙا اگوهر آفتاب، چمڪ پيا آهن ۽ اسانجي سنڌ سونهاري جي مٽي مهان آهي جن اهڙن نيڪ شخصيتن کي جنم ڏنو ۽ خاص ڪري آئون خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ جن جو شڪرگذار آهيان جن مون کي پنهنجو قيمتي وقت ڏنو.

آئون جناب وزير اعليٰ سنڌ جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي جو بہ نهايت ئي ٿورائتو آهيان جو اهڙن مشغولين سبب مون کي ڪجھ وقت ڏنو ۽ پنهنجن قيمتي گفتن سان نوازيو.

”ڪتاط مولا بخش محمد“





مٿي مالڪاڻن تي واري ڪيائين وار
وڄون وسڻ آئيون چوڏس تي چوڌار
ڪي اُٿي ويئون استنبول ڏي ڪي مُڙيون مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي ڪي لهن سمرقندان سار
ڪي ريي ويون روم تي ڪي ڪابل ڪي قندار
ڪي دلي ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار
ڪنهن جهلي جيسلمير تان ڏنا بيڪانير ڀڪار
ڪنهن ڀڄ ڀڄائيو ڪنهن ٿر مٿي ٿار
ڪنهن اچي عمرڪوٽ تان وسايا ولهار
سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين. (شاه)

حقيقت هيءَ آهي ته شاه صاحب سنڌيت جو تصور انسان ذات ۾ ڏسڻ چاهي ٿو جنهن تصوف جو حصو سندس شعر آهي.

جتوئي صاحب جن ١٩٥٣ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل
جا پريزيڊنٽ ٿيا. ١٩٥٧ع ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر
١٩٦٢ع ۾ نواب شاه مان قومي اسيمبلي جا ميمبر ١٩٦٥ ۾
وري قومي اسيمبلي جا ميمبر ١٩٧٠ جي عوامي چونڊن ۾
قومي اسيمبلي جا ميمبر ۽ هاڻي ٻيهر صوبائي اسيمبلي سنڌ
جا قائد ايوان آهن. ۽ عوامي حڪومت ۾ سنڌ جا پهريان وزير
اعليٰ آهن.

جيئن ته جتوئي صاحب جن جو والد مرحوم خانبهادر
غلام رسول خان جتوئي جن سنڌ اسيمبلي جا ميمبر رهيا
ان کان سواءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا پريزيڊنٽ به هئا.
۽ سندن ڏاڏو مرحوم خانبهادر امام بخش خان جتوئي جن
هڪ زبردست او شاڪر، بزرگ، شاعر ۽ صوفي خيالات جا
ماڻهو هئا، امير هوندي به فقيري طبيعت جا مالڪ هئا،
سندن شاعري ۾ تخلص ”صابر“ هو. سندن هڪ غزل جو
هي مطلع آهي.

اڄ عيد آهي هر گهر – ڀيڻهي به عيد ٿيندي
حاصل جڏهن اسان کي دلبر جي ديد ٿيندي.

**نوٽ:-**

خانبهادر امام بخش خان جتوئي بابت معلومات جناب
مخدوم طالب المولى جن کان حاصل ٿي، آءٌ انهن لاءِ
سندن نهايت ئي ٿورائتو آهيان.

# جناب ممتاز علي خان ڀٽو

## اڳوڻو وزير اعليٰ سنڌ



جناب ممتاز علي خان ڀٽو ولد نواب نبي بخش خان ڀٽو صاحب جن ۱۹۳۴ع ۾ ڳوٺ سردار نبي بخش خان ڀٽو ۾ پيدا ٿيا. پاڻ انهيءَ خاندان سان تعلق رکن ٿا جنهن خاندان کي قدرت بي پناهه صلاحيتون عطا ڪيون آهن. جنهن ۾ ممتاز علي خان ڀٽي جي شخصيت ڪا اڪيلي شخصيت ڪانهي، سندن سماجي ڪم، باعث سنڌ جو هر ننڍو وڏو

جناب ممتاز علي ڀٽي صاحب جن عوامي چونڊن ۾ سال ١٩٧٠ع ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا ۽ پاڻ عوامي حڪومت طرفان سنڌ جا پهرين گورنر ۽ پوءِ پهريان وزير اعليٰ ٿيا جهڙا منصب پاڻ خير خوبي سان نڀائي ڪري ويا.

**هاري:**

مخدوم صاحب جن جو چوڻ آهي ته اسانجي هاري ۽ زميندار ٻنهي کي گهرجي ته پنهنجا ڳوٺڙا ۽ ماڻهاڻا اصول ڪڏهن به قيمت آڻي هٿان نه وڃائين ڪنهن فضول ضرورتن کان گريز ڪرڻ گهرجي ۽ عوامي حڪومت جي رائج ڪيل زرعي اصلاحات مان فائدو وٺڻ گهرجي محنت سان ئي ملڪ ترقي ڪندو.

مخدوم صاحب جن کي سنڌي ديسي شاعري پسند آهي، جنهن ۾ ڪافي وائي اچي وڃي ٿي، ڪن ڳائڻن ۾ مائي ڀاڳي جو آواز پسند آهي.

سندن شاگردن ۾ مخدوم محمد امين "فهيم" مخدوم طالب المولي صاحب جن جو وڏو فرزند، محمد بچل "محبوب سروري"، حسين بخش "خادم" قابل ذڪر آهن طالب المولي جن جي ڪلام ۾ جيڪو سوز ۽ گداز آهي سو ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام ۾ ڪونهي، سندس شعر دل ۽ الجي ڪيفيت جي صحيح ترجماني ڪري ٿو.

شوق آهي، اهوئي سبب آهي جو ٻاڻ جديد زراعت جي اصولن کي ورتائيندي پنهنجي زمين ۾ فروٽ فارم لڳايا آهن جيڪي سنڌ ۾ ڪافي مقبول آهن.

(١) ميرپورخاص ۾ جيلاني فروٽ فارم

(٢) ٻيڙڻ ۾ جيلاني فروٽ فارم.

ٻاڻ ڪيترن ئي غريب شاگردن جون هر وقت مددون ڪندا رهن ٿا، منهنجي دعا آهي ته الله تبارڪ تعاليٰ ڪين عمر دراز عطا فرمائي ته ٻاڻ دکي انسانيت جي خدمت ڪندا رهن.

آمين.

# جناب سيد قائم علي شاه صاحب



جناب سيد قائم علي شاه جي شخصيت کان سنڌ سر لنڌيو وڏو واقف آهي، صداقت ۽ سادگي سندن شيوو آهي ڄاڻ ١٣ سيپٽمبر ١٩٣٣ع ۾ خيرپور ۾ تولد ٿيا سندن والد صاحب جن هڪ وڏا بزرگ هئا.

سيد قائم علي شاه صاحب جن پرائمري تعليم پهرين ڳوٺان لنهن بعد مشترڪ ناز هائي اسڪول خيرپور مان ڪئي. بي-اي-ايس-ايم ڪاليج ڪراچي مان ۽ ايل-ايل-بي ڪراچي يونيورسٽي مان ڪئي.

تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ ڄاڻ سال ١٩٥٧ع کان خيرپور ۾ وڪالت ڪرڻ لڳا، سندن شمار سنڌ جي برک وڪيلن ۾ ٿئي ٿو.

## سماجي خدمت:

سال ١٩٥٧ع ۾ خدمت خلق نالي هڪ آفيس برپا ڪئي. جيئن ته سيد قائم علي شاه جن هڪ تمام سٺا سماجي ڪارڪن آهن ۽ عوام جي خدمت ڪندا پئي رهيا آهن، جنهڪو ادارو قائم ڪيائون الهيءَ اداري جو مقصد انسانيت جي خدمت ۽ عوام جي فلاح و بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ. ڄاڻ الهيءَ اداري خدمت خلق جا صدر آهن الهيءَ

اداري تحت خيرپور جي عوام جي خدمت، غريبن جي مالي مدد ۽ شهر جي صفائي لاءِ ڪم ڪندو رهندو هو.

١٩٥٨ع ۾ خيرپور ۾ پنهنجي ڪوشش ۽ دوستن جي مدد سان هڪ ڪلب "پائنير ڪلب" قائم ڪيو جنهن جو مقصد غريب عوام جي خدمت ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ هو. جنهن مان عوام کي ڪيترو ئي فائدو پهتو، غريب ۾ وري سائين قائم علي شاهه جن کي ورثي ۾ مليل آهي. پاڻ هر وقت غريبن جي جائز مدد لاءِ تيار هوندا آهن. سيد قائم علي شاهه صاحب جن خيرپور جي عوام توڙي سنڌ ۾ ڪافي مقبول آهن پاڻ هر وقت سماجي خدمت ۾ رڌل آهن. اهوئي سبب آهي جو ١٩٧٠ع جي اليڪشن ۾ کين عوام قومي اسيمبلي جي ميمبري لاءِ چونڊيو ۽ کين عوامي پارٽي پيپلز پارٽي ٽڪيٽ ڏنو، پاڻ هن عوامي حڪومت جي عهد حڪومت ۾ سنڌ جي وزارت ۾ سينئر وزير هئا ۽ پنهنجو عهد وزارت ايمانداري ديانتداري سان هلايو.

پاڻ هميشه پيپلز پارٽي سنڌ جا چيئرمين آهن. سائين قائم علي شاهه بابت ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته پاڻ پيپلز پارٽي جي بي لوث ڪارڪن مان هڪ آهن.

ڏيکاريندا هئا. اهڙي طرح سان سعدن والد صاحب جن سعدن
استاد به آهن اهڙي طرح جناب طالب المولى جن جي محقق
استاد واري رهبري جي ڪري جناب امين فهيم جن جو
شمار سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ آهي سعدن شعر ڪافي مقبول
آهي. سنہ ١٩٦٢ ۾ ريڊيو پاڪستان طرفان سنڌ جي شاعرن
کي گهرايو ريڊيو، جنهن ۾ امين فهيم جن به هئا ۽ پنهنجو
ڪلام (ترانو) پڙهيائون جنهن ۾ ڪيترن ئي انعام ٥٠٠ رپيه
مليو اهو ترانو هن ريت هو.

اي وطن مٺڙا وطن منهنجا وطن پيارا وطن.

ان کان سواءِ سعدن ڪيترن ئي ڪالمن، غزل، نظم
۽ بيت لکيل آهن. پاڻ پيپلز پارٽي طرفان ضلعي ٺٽي مان
قومي اسيمبلي جا ميمبر چونڊيل آهن ۽ پاڻ عوامي
حڪومت ۾ سنڌ جي گورنر جا مشير براءِ ايگريڪلچر،
ٿي رهيا.

## سير و سياحت

پاڻ دنيا جي اڪثر ملڪن جو دورو ڪيو اٿن جن ۾
عربستان، مصر، افغانستان، سئٽزرلينڊ، فرانس، آمريڪا، جپان،
انگلينڊ، هانگ ڪانگ ٿيهن کان سواءِ ١٩٦٤ ۾ سفر
ڪيو اٿن.

## نوٽ

مون لي جناب امين سائين جي شخصيت اهڙي ٿهاوي
آهي جو دل تي چوي ٿو ته سعدن قربانئي ڪچهري پڙهندو
رهان ۽ هڪ پل به ڪانئن جدا نه ٿيان.

ڏور ڏيڻ گهرجي ڪين غلط ڳالهين کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

**هاري :-**

اڄ جي هاري لاءِ ڪي گهرجي ته حڪومت جي رائج ڪيل زرعي سڌارن مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي سندن اهو فرض آهي ته وٽن جيڪا زمين آهي آيا اها سندن آهي يا هاري تي آهي ڪنهن الهيءَ تي محنت ڪرڻ گهرجي جو ته محنت ڪي سندن ۽ سندن ٻچن جو مستقبل ڏاهيندي ڪين گهرجي ته پنهنجي ملڪ لاءِ محنت ڪن محنت ڪاميابي جي ڪنجي آهي جيڪڏهن هاري خوشحال آهي ته ملڪ به خوشحال آهي.

**شاه پنائي :-**

شاه صاحب جي شعر ۾ زندگي جي هر ڪنهن پهلوءَ تي روشني وڌل آهي ڪين بادشاه پنائي جو هي بيت وڏيڪ پسند آهي.

پڙهيو ڪي نه پڙهن- ڪڙهن ڪين قلوب سين
جيترا ورق ورن- ڏوه چڙهن اوترا.

جيئن ته جتوئي صاحب ١٩٧٠ع واري چونڊن ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر هئا مگر اها سيٽ پنهنجي وڏي ڀاءُ جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي کي ڏني ۽ هاڻ پاڻ وري جناب غلام مصطفيٰ جي واري قومي اسيمبلي واري سيٽ تي قومي اسيمبلي جا ميمبر آهن.

# مير اعجاز علي خان ٽالپر

## ايم. اين. اي



مير اعجاز علي خان ولد مير غلام علي خان ٽالپر سنڌ جي مشهور ٽالپر خاندان سان تعلق ٿا رکن، ”مير“ سندن لقب آهي.

پاڻ 10 فيبروري 1933ع ۾ ٽنڊي محمد خان شهر ۾ تولد ٿيا، پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان، تنهن بعد نور محمد هاءِ اسڪول ۽ 1951ع ۾ سينئر ڪيمبرج ۽ تنهن کانپوءِ ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ ايگريڪلچر ۾ ڊپلوما ڪيو تنهن بعد واپس وطن وريا.

1955-1956ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جا ميمبر ٿيا، 1960-1962ع ۾ بي. ڊي جا وائيس چيئرمين ۽ 1962-1963ع ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر بائي اليڪشن ٿيا جيڪا سندن والد محترم جي سيٽ هئي.

1964 کان وٺي هيئر تائين پاڻ سراسر قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيندا پيا اچن. 64-1965ع ۾ پاڻ مغربي پاڪستان مسلم ليگ جا وائيس پريزيڊنٽ ۽ پارليامينٽري سيڪريٽري به هئا.

## سماجي ڪم

پاڻ 1956ع ۾ ٽنڊي محمد خان جي هاءِ اسڪول ۾

"عالم آئون ساڻ، ٻراو ٿو ٻير ڪري،
ڀاڻ نه آهي جاڻ، ماڻهوءَ مٿئن ڪيئڙو."

**آبادگار**

سندن چوڻ آهي ته اسان جي آبادگار کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻنين ۾ محنت سان ڪم ڪن چاڪاڻ جو اسان جي ملڪ جو دارومدار زراعت تي آهي جيڪڏهن آبادگار محنت ڪندو ته هي ملڪ زرعي ميدان ۾ ترقي ڪندو جنهن ۾ سندن ۽ ملڪ جو ڀلو آهي. حڪومت طرفان ڪيل زرعي سڌارن جو خيرمقدم ڪندي سندن چوڻ آهي ته اهي آبادگارن لاءِ تمام سٺا اصلاحات آهن ۽ آبادگار کي حڪومت جي ڏنل سهولتن مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.

# جناب حاجي مولا بخش سومرو

جناب مولا بخش خان سومرو ولد خان صاحب محمد عمر سومرو جن سال ١٩٠٥ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ شڪارپور ۾ پيدا ٿيا، ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ انگريزي تعليم حاصل ڪيائون.

سندن چوڻ آهي ته جيڪڏهن ماڻهو پاڻ ۾ ڪامياب زندگي بسر ڪرڻ چاهين ته کين اعتماد، انڪسار، ايثار ۽ استقلال کان ڪم وٺڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو ڪاميابي جو راز انهن چئن ڳالهين ۾ لڪل آهي.

## شاگرد:

سومرو صاحب جن شاگرد کي مخاطب ٿيندي فرمائن ٿا ته اسان جو شاگرد محنت ڪري ٿو مگر کيس وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي، پنهنجي مستقبل ڪي ڏاهن جيڪو کين ڪم ايندو ته کي ٿلها مطالبا ميرائين.

شاگرد کي گهرجي ته هو استاد ۽ مائٽ جو زياده ادب ڪري کين گهرجي ته پنهنجي پلاري جي رسالي کي پڙهي ۽ ان جا پورو ٿين، کين محسوس ڪرڻ گهرجي ته هو آئيندي جا معمار ۽ ابا آهن، ۽ کين ئي مستقبل ۾ ملڪ جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.

## شاهه پڙهائي:

شاهه صاحب بابت سومري صاحب جن جو چوڻ آهي ته شاهه سائين جي مقابلي جو دنيا جو ڪوبه شاعر ڪونهي،

شاهه سائين لاکيڻي لعل جي شاعري ۾ هجر، پيار ۽ پاڪائي آهي، سندس شعر ۾ خدا جي ذات ۾ يقين آهي، سومري صاحب جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪو تڪليف ده مسئلو در پيش آهي ته هو شاهه سائين جي ڪلام کي پڙهي ۽ پرجهي ۽ ڪيس درپيش آيل مسئلو آسان ٿي ويندو کين هي بيت وڏيڪ پسند آهي.

ست اها ئي سائين؟ - الف جنهن جي اڳ ۾
لاحق ورق ورائين - پنا پيا پڙهن لئي.

هاري:

سومري صاحب جن هاري کي مخاطب ٿيندي چون ٿا ته هاري کي گهرجي ته پنهنجي زمين تي وڏي ۾ وڏ محنت ڪري انسان وٽ هارين جي اڻاٺ آهي تنهنڪري هاري کي محنت ڪرڻ گهرجي.

سومري صاحب جن سال ١٩٧٠ع جي اليڪشن ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا. ١٩٥٦ع ۾ ڪانسٽيٽيوشن اسيمبلي جا ميمبر ١٩٥٦-٥٨ع ۾ پارليامينٽ جا ميمبر ٥٨-١٩٥٧ع ۾ مرڪزي وزير ٿي رهيا آهن، انهن کان سواءِ شڪارپور ميونسپالٽي جا ڪيترا سال پريزيڊنٽ ٿي رهيا آهن ۽ پنهنجي عمر ۾ ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا اٿن، هاڻ ڪيترن ئي شاگردن کي پنهنجي هٿان اسڪالرشپون ڏيندا آهن، ۽ خير جي ڪمن ۾ وڏي چڙهي حصو وٺن ٿا.

# جناب پير عبدالقادر شاه صاحب جيلاني



پير عبدالقادر شاه صاحب جن جو جنم ۱۷ جولاءِ سال ۱۹۳۴ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ درگاه راڻيپور ۾ ٿيو. سندن والد صاحب جناب پير حضرت احمد شاه جيلاني جن هڪ وڏا خدا پرست بزرگ ٿي گذريا آهن.

حضرت پيران پير دستگير سيد عبدالقادر شاه جيلاني جي اولاد مان آهن، پير عبدالقادر شاه صاحب راڻيپور جي جو ڏاڏو سيد حضرت محبوب سبحاني جن اولياءالله ۽ سيد محمد صالح شاه جيلاني هڪ وڏا شاعر، بزرگ، اولياءالله ۽ ڪرامت جا ڌڻي هئا. درگاه راڻي پور سنڌ جي وڏين درگاهن مان هڪ آهي، جتي ڪيترائي سائل اچن ٿا ۽ دل جون مرادون ماڻيو وڃن ٿا. پاڻ سنڌي اردو ۽ فارسي ٻولين کان سواءِ ديني تعليم جي به ڪافي سڄاڻ آهي.

## سماجي خدمت

جناب پير صاحب جن سماجي خدمت ۾ به ڪنهن کان پوئتي نه آهن پاڻ سندن قيمتي زمين عطيه طور ڏيئي

ان ۾ هڪ پرائمري اسڪول ٺهرايو آهي، سندن چوڻ آهي ته ڪين الله تعاليٰ غريب عوام جي تڪليفن دور ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي ته ڪين علم ۽ ادب سان ڪافي دلچسپي آهي ۽ ديني اصولن تي ڪار بند آهن.

## شاه پناهي

شاه سائين بابت سندن چوڻ آهي ته شاه پناهي صاحب جن اعليٰ درجه جي هستي آهي ۽ اها هستي عظيم آهي.

## هاري

هاري بابت سندن چوڻ آهي ته ڪين گهرجي ته پنهنجي ايمانداري سان ڪم ڪن، ملڪ جي آبادي وڌائين جنهن سان ملڪ ترقي ڪندو.

پاڻ سال ۱۹۷۰ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# ملڪ سڪندر خان

### ايم- اين- اي



ملڪ سڪندر خان ولد ملڪ سردار خان جي شخصيت سنڌ ۾ ڪنهن به تعارف جي محتاج ناهي، پاڻ پهرين مارچ سنه ١٩٢٧ ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ ڄاوا ٿيا. پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ تنهن بعد پرائيويٽ طرح سان پڙهيا ملڪ صاحب جن رلڻا ملڻا انسان آهن ۽ سندن چوڻ موجب ته پاڻ هميشه پنهنجي ذاتي مقصدن کان پري رهي قوم جي مقصدن جي لاءِ ڪم ڪيو اٿن سندن زمين جيڪا ڪمن پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ مليل هئي تنهن کي چاهيو ته پلي عوام جي ڪتب اچي.

## سماجي ڪم

(١) ملڪ صاحب سندن زمين تي گهٽ ۾ ١٢ سو ماڻهن کي رهڻ لاءِ ڪالوني ڏني.

(٢) سندن زمين کي پاڻ اسٽيڊيم لاءِ وقف ڪيائون جيڪا وري گورنمينٽ ڪوٽڙي ميونسپالٽي کي ڏني.

(٣) هيڊ ڪوارٽر تعلقه اسپتال لاءِ ١٠ ايڪڙ زمين ڪوٽڙي ۾ وقف ڪئي اٿن.

(٤) پيٽارو ڪيڊٽ ڪاليج جي زمين ملڪ صاحب جن جي آهي جنهن ۾ هي ڪاليج قائم ٿيو ۽ پاڻ ڪو به معاوضو ڪونه ورتو.

ڪرڻ گهرجي، جيئن تہ تعليم ۽ انسان کي دنيا سان مقابلہ ڪرڻو آهي تنهن ڪري ڪين گهرجي تہ ٽيڪنيڪل، فني، تعليم تي ڌيان ڏيون ڪين گهرجي تہ هو تعليمي اصلاحات مان فائدو وٺن.

# جناب علي حسن خان منگي



جناب علي حسن خان منگي ولد محمد ابراهيم خان منگي سال ١٩١٨ع ۾ ڳوٺ خيرو ديرو تعلقه رتو ديرو ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ علي ڳڙهه مان گريجوئيشن ڪئي. تنهن بعد سال ١٩٥٠ع ۾ لاڙڪاڻي کان سکر ۾ ڪاروبار جي ڪري لڏي آيا.

## سماجي ڪم:-

جڏهن پاڻ لاڙڪاڻي کان لڏي آيا ته سکر ۾ هڪ پبلڪ پڪار آفيس جو بنياد وڌو جن ۾ سڀني ماڻهن جي خدمت ڪندا هئا. جن ۾ لاوارث ڇوڪرا، غريب ۽ بيمار وغيره اها آفيس ١٩٦٨ع تائين رهي، هاڻ به ڪراچي ۾ وڃن

مڱي صاحب جن ۱۹۵۳ع ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا ۱۹۶۲ ۽ ۱۹۶۵ع جي اليڪشن ۾ حصو وٺي نه سگهيا ۱۹۷۰ جي اليڪشن ۾ آزاد ميمبر سکر مان ڪامياب ٿيا ۽ هاڻي قومي اسيمبلي جا ميمبر آهن.

# جناب مير علي بخش خان ٽالپر

مير علي بخش خان ولد مير الهداد خان جون ١٩٢٦ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ مير جي لانڍي ۾ ڄائا. ابتدائي تعليم لانڍي، ان کان پوءِ ڪراچي ۽ سال ١٩٦٦ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ سال ١٩٤٨ع ۾ بي اي پاس ڪيائين.

## سماجي ڪم:

جنهن ته لانڍي وارا مير ڪافي مشهور آهن سندن ڪٽنب شروعات کان وٺي هميشه عوامي خدمت ڪندا رهيا آهن، مير الهداد خان مرحوم ۾ هڪ سراءِ ٺهرائي ۽ باغ هڪ ٺهرائي قائم ڪيو. جنهن تحت غريب شاگردن کي ڪتاب ۽ اسڪالرشپ ڏني ويندي ٿي.

## شاگرد:-

مير صاحب شاگرد کي مخاطب ٿيندي فرمائين ٿا ته شاگردن کي گهرجي ته هو چاهه سان پڙهن ۽ پنهنجو سمورو وقت تعليم پرائڻ ۾ صرف ڪن، ڪنهن ملڪ جي مسئلن جي چاڻ هئڻ ضروري آهي، چاڪاڻ جو اڳتي هلي شاگرد جي ڪلهي تي ملڪ جو بار ايندو.

## شاهه:-

شاهه ڀٽائي بابت مير صاحب چون فرمائين ٿا ته شاهه سائين جي مايه ناز شاعري آهي، شاهه صاحب جي شاعري ۾ ڪنهن به قسم جي خوشامد ڪانهي ڪين شاهه صاحب

جو هي ٻهت وڏيڪ پسند آهن.
ڪالهه ئـي ڪڏي ٻرن ڪي
جـهڪر ڪـالهه مٿـي .
ڪـڏهـن ڪـان سٺين
ڪا سکهي ڪڏي سچٽين مٿي

# حاڪم علي خان زرداري

جناب حاڪم علي خان ولد حاجي محمد حسن خان زرداري جن سن۱۹۲۹ ۾ ڳوٺ فتوحل زرداري تعلقه سڪرنڊ ضلع نوابشاهه ۾ پيدا ٿيا، ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ مان مڪمل نورمحمد هائي اسڪول حيدرآباد مان ڪئي، تعليم ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي آبائي ٻني زمينداري کي لڳي ويا ۽ نوابشاهه ۾ رهڻ لڳا، پاڻ پنهنجي زرداري قبيلي جا لٺ سردار آهن سندن چوڻ آهي ته راڄ جي چڱي مڙس جو ڪم آهي ته هو اوکي ويل ڪم اچي،

## سماجي ڪم:

زرداري صاحب جن سماجي ميدان ۾ اڀرندڙ شخصيت آهن، پاڻ زرداري قبيلن کي گڏي هڪ تنظيم وجود ۾ آندي جنهن جو نالو آل سنڌ زرداري ايسوسيئشن آهي.

پاڻ ان جماعت جا صدر آهن، هن تنظيم ۾ شامل زرداري سال ۾ ٻه دفعا گڏ ٿيندا آهن ۽ زرداري ذات جي سماجي مسئلن ۽ قومي مسئلن تي غور ويچار ڪندو رهي ٿو. حاڪم علي خان جن جي اها دلي تمنا آهي ته سنڌ جي پوئتي پيل قبيلن کي سماجي ۽ معاشي طرح اجاگر ڪندو رهي.

## شاگرد:

زرداري صاحب جو چوڻ آهي ته اڄ جي شاگرد کي جيڪڏهن ڪا نوڪري نٿي ملي ته هو وڃي کيتي ڪري ۽ تعليم پائڻ هڪ شرط جي صورت ۾ هو نهراي سان پڻ سٺي طرح ڪاهيندو ۽ نت نوان تجربا ڪندو ۽ هڪ اڳڀرهيل

کان وڌيڪ پڙهي ۽ زمين جي خدمت ڪندو بهرطور هو محسوس ڪري.

**هاري:**

اسان جي هاري کي مخاطب ٿيندي زرداري صاحب جو چوڻ آهي ته اسان جي هاري کي وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي کيس رسالا ۽ اخبار به پڙهڻ گهرجي، سماجي برائين کان پاسو ڪري کيس پنهنجو اصلي مقام سڃاڻڻ گهرجي، پنهنجي پڙهي، مال، سان چاهت اولاد جي تعليم تي ڌيان ڏئي کيس ٻج وغيره ٽائيم تي پوکڻ گهرجي.

**سياحت:**

زرداري صاحب جن هڪ ڏهه ۾ ٣ عمرا ڪيا آهن. تنهن کان سواءِ سڄي يورپ جو سفر به ڪيو آهي. پاڻ عوامي حڪومت (پيپلزپارٽي) جي ٽڪيٽ تي ١٩٧٠ وارين اليڪشن ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# جناب نور محمد خان لنڊ



جناب نور محمد خان لنڊ بلوچ ولد سردار دادن خان لنڊ جن سنه ۱۹۳۳ ۾ پنهنجي ڳوٺ نور آباد تعلقه ميرپور ماٿيلو ضلع سکر ۾ ڄاوا. پاڻ پرائمري تعليم ڳوٺان ۽ ميرپور ماٿيلي مان انگريزي تعليم حاصل ڪئي. تنهن بعد پنهنجي آبائي ٻنيءَ زمينداري کي لڳي ويا.

## سماجي ڪم

لنڊ صاحب جن جو چوڻ آهي ته ڄرواڙ شهر جيڪو ميرپور ماٿيلي ۾ آهي اتي ٽيليفون ايڪسچينج ڪانه هئي پاڻ ڪوشش ڪري اها بحال ڪرائي. ڳوٺاڻي ترقياتي پروگرام هيٺ پاڻ ڪوشش ڪري درويش لاڳيچ ٽائون رستو ڄرواڙ هائي اسڪول ۽ پارو لنڊ، ڪروهي وارو رستو به هن

عوامي دور ۾ ٿيندو ۽ لنڊ صاحب انهيءَ ۾ ڪوشش ورتي پاڻ غريب شاگرد کي اسڪالرشپون ڏين ٿا ۽ سندن ڳوٺ ۾ سندن قائم ڪيل هڪ مدرسو آهي جنهن ۾ ۴۰ ڇوڪرا قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪن ٿا.

## شاگرد

اسان جي شاگرد کي مخاطب ٿيندي لنڊ صاحب جو چوڻ آهي ته شاگردن کي گهرجي ته سياست کان پاسو ڪن ۽ صحيح اصولي سان تعليم پرائين ڇو ته محنت ڪري تعليم پرائڻ گهرجي هو محنت سان ئي سوشل جوابداريون پوريون ڪندا.

## شاه ڀٽائي:

ڀٽائي گهوٽ بابت سندن چوڻ آهي ته شاه سائين کان وڌيڪ سندن نظر ۾ ڪوبه شاعر ڪونهي. شاه بزرگ هستي آهي ڀٽائي جي شعر ۾ الله جي راه ڏسيل آهي. کين هي شعر وڌيڪ پسند آهي.

سڄڻ هجي ساڻ - پاڻي ڏيهه ڏکائون ڪري.

## هاري:

هاري کي مخاطب ٿيندي سندن چوڻ آهي ته هاري جي محنت سان ملڪ کي فائدو رسندو. کين گهرجي ته عوامي حڪومت جي رائج ڪيل زرعي اصلاحات سان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪن. کين پنهنجي جوابداري محسوس ڪندي پنهنجي ملڪ پنهنجي ڪٽنب جي تعليم ۽ تربيت لاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي.

مولانا صاحب جن ۱۹۶۷ع ۾ حج ڪيو آهي ۽ پارلياماني وفد سان گڏ ترڪي جو به دورو ڪيو اٿن. پاڻ ۱۹۷۰ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# جناب عطا محمد خان مري



جناب عطا محمد خان مري ولد جناب علي محمد خان مري صاحب جن ۲۵ جون ۱۹۳۷ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ پهراڙي ۾ پيدا ٿيا، ابتدائي تعليم پهراڙي مان ۽ ان کان بعد ميٽرڪ ۱۹۵۸ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي، انٽر تائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ پنهنجي آبائي پيشي زمينداري ۾ لڳي ويا.

## سماجي ڪم:

جڏهن پهراڙي هائي اسڪول نه هو ته پاڻ ان لاءِ پنج ايڪڙ زمين ۽ ۴۰۰۰۰ رپيا چندو ڏنو سندن ڳوٺ پهراڙي ۾ هڪ مسافر خانو سندن وڏن جو ٺهرايل آهي، جنهن ۾ مسافر ٽڪن ٿا. جڏهن پهراڙي ۾ واٽر ٽئنڪ نه هئي ته پاڻ ان لاءِ ايڪڙ زمين ڏني، ۽ عيدگاهه لاءِ ۲ ايڪڙ زمين

اوترو ڪمس ۾ ملڪ کي فائدو رسندو ۽ اسانجو ملڪ خود ڪفيل ٿيندو، اسين خوشحال ٿينداسين، جڏهن آبادي وڌائيندا ته اسين وري ٻاهران ملڪن مان نوان زرعي اوزار ۽ سٺا ٻج گهرائي سگهنداسين.

هاڻ ١٩٧٠ع اليڪشن ۾ قومي اسمبلي جا ميمبر ٿيا.

# جناب مير دريا خان کوسو

جناب مير دريا خان کوسي جو سال ۱۹۲۵ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڏني پور تعلقي ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيا، ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺان ۽ ۱۹۴۳ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. تنهن بعد پنهنجي اباڻي پيشي زمينداري کي لڳي ويا.

## سماجي ڪم:

مير صاحب جن رلڻي ملڻي شخصيت آهن، تنهن کان سواءِ پاڻ ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا اٿن، جن ۾ پنهنجي ڳوٺ جو هاءِ اسڪول، انٽرميڊيئيٽ ڪاليج پنهنجي پيسن سان ۽ پنهنجي ضلع جي ڪيترن ئي ادارن جي مدد ڪندا رهن ٿا.

## کوسو تنظيم

جنهن جو وجود ۱۹۶۲ع ۾ وڌائون ۽ سال ۱۹۷۰ع ۾ سنڌ ليول تي ان تنظيم کي وڌايو ويو جنهن جا پاڻ صدر آهن کوسو برادري لاءِ سندن چوڻ آهي ته کوسو برادريءَ کي گهرجي ته هو نئين روشني ۾ اڳتي وڌن ۽ تعليم کي حاصل ڪن، تان ته هو معاشري ۾ صحيح مقام حاصل ڪري سگهن- پاڻ ۾ قومي اتحاد پيدا ڪن سندن جهڳڙا پاڻراڻي ٺولي سان نبيرن، جناب مير صاحب جو خيال آهي ته جيڪي به مستحق ماڻهو آهن ان جي مدد ضرور ڪئي وڃي.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي کوسو صاحب جن فرمائين

ٿا ته هو سياسي بيداري ۽ شعور کان ڪم وٺن، مخلص قومي جذبو هڪ شرط لازمي آهي. شاگرد کي وڌيڪ محنت ۽ اسڪول جي تعليم تي پورو ڌيان ڏيڻ گهرجي سندن هر ڪو ڪم تعميري هجي ۽ تخريبي نه هجي.

**شاه ڀٽائي:**

شاه صاحب بابت ڪوسي صاحب جن جو چوڻ آهي ته سنڌي جو بنياد شاه صاحب جو شعر آهي، شاه سائين جي شعر ۾ روحانيت ۽ قوميت جو پيغام آهي.

ڪوسي صاحب جن ١٩٧٠ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# سيد قربان علي شاھ

## سنڌ



سيد قربان علي شاھ ولد غلام نبي شاھ ۲۰ ڊسمبر ۱۹۳۹ ۾ مير پور خاص ۾ ڄاوا. ابتدائي تعليم ڳوٺان تنهن بعد اين. جي. وي اسڪول ڪراچي ۾ ۱۹۶۲ ۾ ميٽرڪ ميرپور خاص مان ڪئي ۽ ۱۹۶۸ ۾ گريجوئيٽ ٿيا، تنهن کان پوءِ والد صاحب جي وفات ڪري وڌيڪ تعليم جاري رکي نه سگھيا.

## سماجي ڪم:

سيد قربان علي شاھ صاحب جن جي هڪ سٺا سماجي ورڪر آهن. تازو ٻوڏ دوران ڪان ستايلن لاءِ ۵۰،۰۰۰ هزار رپيا جمع ڪري جيڪي ان وقت جي وزير اعليٰ جناب ممتاز علي خان ڀٽي کي ڏنا تنهن بعد ۱۰۰۰ رپيا ٻيا به جمع ڪري سيد قائم علي شاھ جن کي ڏنا ۽ اهي پئسا ٻوڏ جي ستايلن جي امداد لاءِ هئا، تنهن کان سواءِ شهرن

## هاري:

اسان جي ملڪ جو دارو مدار زراعت تي آهي ماضي ۾ زراعت جي بجاءِ صنعت تي ڌيان ڏنو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو ملڪ جي زراعت ڪافي پٺتي پئجي وئي ان سان گڏوگڏ هاري کي محنت ڪرڻ کپي. هن وقت دنيا جي طاقت اناج ۾ آهي. اسان جي ملڪ جو دارومدار زراعت تي آهي تنهن ڪري عوامي حڪومت جي ڏنل زرعي فائدن مان پورو پورو فائدو حاصل ڪن.

سيد قربان علي شاه جن سوسائٽي جا ميمبر آهن ۽ سنڌ مان چونڊيل آهن.

## سماجي ڪم

کُهڙ صاحب جن ۱۰ سال شهر ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي جا چيئرمين رهيا آهن ۽ شهرين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪيترو ئي ڪم ڪيو اٿن ۽ سنڌ مدرسه ڪراچي جي بورڊ جي مئنيجنگ ڪميٽي ۾ به سندن ڪافي هٿ آهي. ڪان سواءِ سر عبدالله هارون يتيم خاني، ڪاليجن، اسڪولن اسپتال ۽ مئٽرنٽي هوم لاءِ به پاڻ ڪافي ڪم ڪيو اٿن هينئر پاڻ پنهنجي منصب کي سهڻي نموني سان هلائي رهيا آهن.

# جناب عبدالله خان رند بلوچ



جناب عبدالله بلوچ ولد رئيس محبت خان رند بلوچ جن سال ۱۹۳۴ع ۾ هالاڻي تعلقي ڪنڊياري ۾ پيدا ٿيا.

ابتدائي تعليم هالاڻي ۾ مئٽرڪ ۱۹۶۱ع ۾ نوابشاهه مان ڪئي تنهن بعد ڪراچي مان بي-اي ۽ ايم-اي ڪئي.

## سماجي ڪم

جناب بلوچ صاحب شروعات کان وٺي سماجي ڪمن ۾ دلچسپي سان ڀرپور وٺندا ٿي رهيا آهن، پاڻ عوامي دور ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جا چيئرمين هئا، ۽ سندن اباڻڪاري ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن کي بجلي، پاڻي جون سهولتون مليون تنهن کان سواءِ ڪيترا ماڊل تيار ٿيا آهن اهو ئي سندن ڪاوشن جو نتيجو آهي. تنهن کانسواءِ پاڻ

۽ هاڻي ڳوٺاڻن کي انڊسٽريل هومس - دارالامان، ۽
ان سماجي ڀلائي وارن تنظيمن مان فائدو رسندو.
هن ڪان سواءِ سوشل سيڪيورٽي تحت مزدورن کي
علاج جون سهولتون به ڏنل آهن ليبر اصلاحات جي
مل مالڪ مزدور جي ٻار جي پڙهائي لاءِ ڀتا ڀريندو.
هن طرح ملڪ جي مزدور طبقي جي مالي حالت
ڪم ٿيندي.

# جام صادق علي خان



جام صاحب جن جو جنم ١٩٣٥ع ڌاري پنهنجي آبائي ڳوٺ جام نواز علي ۾ ٿيو. سندن والد صاحب جام ڪاليو خان ج شمار سنڌ جي مشهور ۽ معروف هستين ۾ ٿئي ٿو. جا صادق علي خان ابتدائي تعليم هتان حاصل ڪرڻ کان پو جي- ايس- سي ايگريڪلچر ۾ ڪئي. تعليم ختم ڪرڻ کا پوءِ پنهنجي آبائي ٻنهي زميداري کي لڳي ويا ۽ سندن شمار سنڌ جي روشن خيال زميندارن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ اعليٰ تعليم يافته ۽ بهترين ذهانت جا مالڪ آهن.

## سماجي ڪم

جيئن ته جام گهراڻو سماجي ڪمن ۾ ڪڏهن کا

مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. ڪمس سس
ڪاهلي کان نفرت هئڻ گهرجي.

جام صاحب جن جيئن ته زراعت کان سٺي طرح و
آهن ۽ پاڻ ٽي دفعا سرڪاري وفد جي قائد جي حيث
سان جرمني ويا جتي زراعت رٿابندي آبپاشي جي سمي
۾ شرڪت ڪئي. پاڻ ۱۹۶۲ع ۾ سانگهڙ مان قومي اسم
جا ميمبر چونڊيا ۽ پارليامينٽري سيڪريٽري براءِ رٿابند
اقتصادي امور ٿي رهيا آهن. ۱۹۷۰ع جي عام چونڊ
صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر ٿيا آهن ۽ جناب ممتاز
خان ڀٽو. اڳواٽي وزير اعليٰ سنڌ جي وقت ۾ صوبائي
آبڪاري محصول ۽ لوڪل گورنمينٽ مقرر ٿيا ۽ مو
وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي ڪابي
صوبائي وزير آبپاشي، بجلي، رٿابندي ۽ لوڪل گورنمي
جي عهدي تي ڪم ڪري رهيا آهن.

# آغا صدرالدين دراني



آغا صدرالدين ولد آغا شمس الدين جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نه آهي. پاڻ ۳ ڊسمبر ۱۹۲۰ ۾ سکر ضلع جي ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم ڳڙهي ياسين جي ورنيڪيولر اسڪول مان انهن کان پوءِ سينٽ پيٽرڪس هاءِ اسڪول مان سال ۱۹۴۰ ۾ (سينئر ڪيمبرج) ۽ سال ۱۹۴۲ ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج مان انٽر ڪيو. انهن بعد پاڪستان نيوي ۾ ڪنگ ڪميشن ملي. سال ۱۹۴۴ ۾ يو. ڪي مان فزيڪل ٽريننگ ۾ ڊپلوما حاصل ڪيو. ۱۹۴۹ ۾ رائل ڪاليج يو. ڪي مان ٽيڪنيڪل انجنيئرنگ مان ڊپلوما ڪيو ۽ سال ۱۹۵۳ ۾ مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ آمريڪا مان ڊپلوما ڪيو. سال ۱۹۵۶ ۾ پريزيڊنٽ ميونسپالٽي ڳڙهي ياسين ۱۹۶۰ ۾ ميمبر ضلع ڪائونسل سکر ۱۹۶۵ ۾ اولهه پاڪستان اسيمبلي جا ميمبر ۽ ۱۹۵۶ ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري ريونيو چيئرمين ضلع رابطه ڪميٽي

شعر مونکي آهي ڪين هي شعر وڏو پسند آهي.

لٽي لڏي ڪاه لاهي ويل وڃڻ جي
متان ٿيئي اولاه پير نه پسين پنهل جو
(شاه)

## هاري

اڄ جي هاري ڀاء کي مخاطب ٿيندي چون ٿا ته هاري کي گهرجي ته هو پيداوار وڌائي ۽ محنت ڪري جنهن ان کيس فائدو آهي زراعت جي جديد طريقن کان کيس واقفيت هئڻ گهرجي.

کين گهرجي ته وڻ ۾ وڻ آبادي وڌائين ۽ گهڻي ۾ گهڻو اناج اپائين، اسان جي عوامي حڪومت جي جاري ڪيل زرعي سڌارن مان کيس فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي، ۽ نون مشڪنائيز طريقن سان پنهنجي زمين مان گهڻي پيداوار حاصل ڪريون ته جيئن اسين ٻاهرين ملڪن مان غير ملڪي ناڻو ڪمايون.

جيئن ته آغا صاحب جن جا والد آغ، شمس الدين پنهنجي وقت جي مشهور هستي هئا ۽ ايم- ايل- اي هئا. تنهن کان سواء سندن ڀاء آغ، بدرالدين سنڌ اسيمبلي جا اسپيڪر هئا.

# جناب سيد قمرالزمان شاهه

## سينيٽر سنڌ



جناب سيد قمرالزمان شاهه ولد جناب محمد قاسم شاهه جن سال ۱۹۳۳ع جي ۱۲ نومبر ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ٽکڙ تعلقه ٽنڊو محمد خان ۾ پيدا ٿيا ۽ پاڻ ٽکڙائي سيد مشهور آهن سيدن خاندان سنڌ ۾ تعارف جو محتاج نه آهي، ڇاڪاڻ جو سيدن ڪيل خدمتن جو احساس ماڻهن جي دلين ۾ محفوظ آهي.

سيد قمرالزمان شاهه جن جي تربيت الحاج سيد ميران محمد شاهه صاحب جن جي هٿ هيٺ ٿي ۽ اهو ئي "قمر" جنهن اڳتي هلي پنهنجو صحيح مقام ماڻيو ۽ قمرالزمان شاهه جي نالي سان مشهور ٿيو. جناب سيد ميران محمد صاحب جن جناب قمرالزمان شاهه جي صلاحيتن کي پرکيندي کين اُها ته تربيت ڏني جنهن جي سيد قمرالزمان شاهه کي گهرج هئي.

# جناب پيار علي الانا صاحب



جناب پيار علي الانا ولد جناب جي الانا جن ۱۳ جنوري ۱۹۴۰ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب اعليٰ پايه جو شاعر ليکڪ ۽ مفڪر آهي، سندن وڏا اصل لس ٻيلي کان آيل آهن ۽ پوءِ اچي جهرڪن ۾ آباد ٿيا. سندن والده صاحبه به هڪ روشن خيال خاتون آهي ۽ ڪنهن وقت ۾ سنڌ جي پهرين مسلمان ايم. ايل. اي هئي ۽ سندن تعلق حيدرآباد سان آهي.

جناب پيار علي صاحب جن ابتدائي تعليم سينٽ پيٽرڪس اسڪول ڪراچي مان ڪئي جنهن بعد اڳتي تعليم لاءِ امريڪا روانا ٿيا. جناب پيار علي صاحب جن هڪ ذهين

# جناب سيد بشير احمد شاهه



جناب سيد بشير احمد شاهه صاحب جن سال ١٩١٤ع ۾ جالنڌر (هندستان) ۾ پيدا ٿيا. پاڻ ١٩٣٦ع ۾ هتي آيا ۽ ريسرچ فاريسٽر ٿيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ نوڪريءَ کي الوداع ڪيو ۽ ٺٽي ۾ مستقل رهائش حاصل ڪئي.

## سماجي ڪم:

جيئن ته بشير احمد شاهه جن يونين ڪائونسل سونڊا (ٺٽي جا) جا چيئرمين ٿي رهيا آهن ۽ سندن انتظامڪاري ۾ گهڻائي سماجي ڀلائي وارا ڪم ٿيا آهن. سندن چوڻ موجب ته يونين ڪائونسل سونڊا هڪ غريب يونين ڪائونسل هئي ۽ پاڻ پنهنجي هزارن خرچ ڪري هتي جي ترقياتي ڪمن کي پايه تڪميل تي پهچايو. پاڻ هميشه کان گهڻن

# جناب مير هزار خان بجاراڻي



جناب مير هزار خان بجاراڻي ولد سردار مير نور محمد خان بجاراڻي سنڌ جي مشهور ۽ معروف بجاراڻي قبيلي سان تعلق رکن ٿا. سندن جنم ۱۵ جولاءِ سال ۱۹۴۶ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ڪرمپور ۾ تعلقه ڪنڌڪوٽ ضلع جيڪب آباد ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم سينٽ فرانسز گرامر اسڪول ڪوئيٽه بي- اي نيشنل ڪاليج ڪراچي ايم- اي- ايل- ايل- بي ڪراچي يونيورسٽي مان.

## سماجي ڪم:

عوامي حڪومت جي طرفان ڳوٺاڻي ترقياتي واري ڪاميٽي ۾ ان جا چيئرمين ٿيا ۽ انهيءَ دوران ڪاڻ ڪيترن ئي ڳوٺن کي ترقياتي پروگرام تحت سڌاريو انهن ۾ ڪچا رستا

## بجاراڻي قبيلي جي تنظيم:

سندن چوڻ آهي بجاراڻي ۳۶ قبيلا هتي آهن هنن قبيلن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪافي ڪجهه ڪيو آهي. مير هزار خان جا والد صاحب بجاراڻي قبيلن جا سردار آهن ۽ مير هزار خان سندن پاڻ جي ڪوششن سبب جهيڙا ختم ڪرايا ۽ بجاراڻي قبيلن کي پليٽ فارم تي آندو جنهن نه مير هزار خان سينئر وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي ڪابينه ۾ وزير ٽرانسپورٽ عوامي رابطه جا وزير آهن. جڏهن نه سندن والد مير نور محمد خان صوبائي اسيمبلي جا ميمبر هئا ۽ ماڻ بجاراڻي سميت مير هزار خان کي ڏني ۽ هاڻي مير هزار خان صوبائي اسيمبلي جا ميمبر آهن.

# الحاج مير رسول بخش خان ٽالپر

الحاج مير رسول بخش ٽالپر جي عوامي ۽ هر دلعزيز شخصيت سنڌ ۾ ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي. هو سيپٽمبر ١٩٢٠ع ۾ ٽنڊي مير محمود (حيدرآباد) ۾ پيدا ٿيو. سنڌ جي اڳوڻي حڪمران خاندان سان تعلق هجڻ جي باوجود، مير صاحب شروع کان وٺي عوامي مسئلن ۾ گهري دلچسپي وٺندو رهيو آهي. حيدرآباد جي ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين، مزدورن جي همت افزائي ۽ عوامي خدمت سان، خاص مشغلا پڻ رهيا آهن. مير صاحب سنڌ ۾ ترقي پسند جي فلسفي جو داعي ۽ روح روان رهيو آهي. عوام جي ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ سببان ڪيترا دفعا استبدادي دور ۾ قيد ڪيو ويو پر الهو سندس غريب پروري ۽ انسان ذات جي خدمت واري جذبي تي ڪو اثر نه پيو.

٢١ سالن جي عمر ۾، مير رسول بخش ٽالپر حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ڪائونسلر چونڊيو ويو. ان کانپوءِ هو ١٩٦٥ع تائين يونين ڪميٽي نمبر ١٦ (حيدرآباد) جو چيئرمين هو.

جڏهن جناب ذوالفقار علي ڀٽي، عوام جي خدمت ملڪ جي عظمت ۽ قومي فلاح ۽ بهبود جي مقصد لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پروگرام بڻايو ته ان سلسلي ۾ پهريان اهم تقرير حيدرآباد ۾ مير صاحب جي بنگلي تي ڪئي هئائين، جنهن ملڪ ۾ آمريت جي محل کي متزلزل ڪري ڇڏيو هو.

مير صاحب پيپلز پارٽيءَ جي بنيادي ميمبرن ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو. ١٩٦٨ع ۾ کيس سنڌ زون جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

٢٠ ڊسمبر ١٩٧٠ع جي چونڊن ۾ مير صاحب کي حيدرآباد مان صوبائي اسيمبليءَ لاءِ ميمبر چونڊيو ويو.

٢٠ ڊسمبر ١٩٧١ع تي، جڏهن جناب ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو صدر ٿيو تڏهن ملڪ ۾ جمهوريت بحال ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويا. جلد ئي مرڪز ۽ صوبن ۾ صلاحڪار مقرر ڪيا ويا. مير صاحب کي ٣ فيبروري ١٩٧٢ع تي سنڌ جي گورنر جو مکيه صلاحڪار مقرر ڪيو ويو.

٢١ اپريل تي عبوري آئين هيٺ، جناب ذوالفقار علي ڀٽي، صدر پاڪستان جو حلف کنيو ۽ اڪائيون صوبن ۾ نوان گورنر ۽ وزراءِ اعليٰ مقرر ڪيا ويا ۽ وزارتون ٺاهيون ويون. مير رسول بخش ٽالپر سنڌ جي گورنر جي حيثيت سان رهي چڪا آهن.

# مير ممتاز علي ٽالپر

ايم- پي- اي



مير ممتاز علي ٽالپر ولد غلام علي خان ٽالپر ٽنڊو محمد خان مير ممتاز علي خان ٽالپر سنڌ معزز گهراڻي ٽالپر جو چشم و چراغ آهي. پاڻ ۲۰ آڪٽوبر ۱۹۳۹ ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ ڄائا.

۱۹۵۱ تائين اين- جي- وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ زير تعليم رهيا. تنهن بعد سينيئر ڪيمبرج ۱۹۵۴ ۽ يورپ ۾ ۱۹۶۲ تائين رهيا، جتان ٽيڪسٽائيل ڊرائنگ ۾ ڊپلوما ۽ لنڊن ۾ ايم-پي-اي ڪمائون ۱۹۶۷ لوڪل بورڊ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا ميمبر ۽ پوءِ وائيس چيئرمين حيدرآباد رهيا.

سندن اپاڪاري ۱۰۴ ميل پڪا رستا ۽ ڪميٽراڻي ڪچا رستا ٺهيا. انهن کان پوءِ هيٺين چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

## سماجي ڪم

ٻئي معنيٰ، سماجي ورڪر آهن، سندن ڪوششن سان ڪيترائي مڊل اسڪول هاءِ اسڪول ٿيا. جن ۾ علي محمد ڪالمارو مڊل اسڪول ڪرم لغاري ۽ ٻاڪ سنگهار هاءِ اسڪول آهن.

سندن مالي مدد ۽ چندا سعيدپور هاءِ اسڪول، جهاڳ سومرو مدرسي، ۱۰ غريب شاگردن کي اسڪالرشپ ڏين ٿا.

## شاگرد

سندن چوڻ موجب اڄ جي شاگرد کي گهرجي ته هو پڙهائي تعليم پرائڻ ڏي پورو پورو توجهه ڏئي. سندن سياست پڙهائي دوران ڪالهجن تائين محدود رهجي، تعليم جي جڏهن نه شهر جي ۾ آئين، تعليم شعبي جي ۾ چاه سان محنت ڪن ته جيئن اڳتي هلي هو ان شعبي ۾ ماهران صلاحيتون رکن.

## پڙهائي بابت

ٻاڻ جون تا ته شاه جو شعر اعليٰ عظيم ۽ جامع آهي جنهن لاءِ انسان کي گهرجي ته الهيءَ جامعت کي پروڙيون ڪن شاه سائين جو هي بيت پسند آهي.

الله ڏاهـي ۾ ٿيان، ڏاهپون ڏکـ، ڏسن
مون سمن مون مران، پروانگي ۾ پال ڪماه
( شاه )

## هاري

سندن چوڻ آهي ته مان پاڻ به آبادگار آهيان. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته اسان جون زمينون اسان کي پوري آبادي ڏين ته انهن کي زمين تي محنت ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن

اسين زمين کي ٺاهينداسون ته زمين اسان کي ٺاهيندي‌اسان
کي مشينائيز طريقن سان زمين آباد ڪرڻ گهرجي ۽ مسٽر
ممتاز علي خان ڀاٽ مهنجي زمين تي ٽريڪٽر هلائي ٿو،
ڪميٽي سرمستي جي اصولن جا قائل آهن.

# جناب عبدالڪريم پلي



عبدالڪريم پلي ولد خانصاحب عطا محمد پلي سال ١٩٤٠ ٢٧ جنوري جي پنهنجي آبائي ڳوٺ عطا محمد پلي ضلع ٿرپارڪر تعلقه عمرڪوٽ ۾ تولد ٿيا. ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ مان وٺڻ بعد اديب عالم ۽ ٻ. ء ميٽرڪ پرائيويٽ طرح سان سنڌ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. سندن والد صاحب جي وفات جي ڪري ڪين پنهنجي تعليم اڌوري ڇڏڻي پئي.

جيئن ته پلي صاحب هڪ خاندان گهراڻي (پلي) ۾ پيدا ٿيا آهن، مگر اڏهن ت. سندن طبيعت ۾ ڪابه وڏائي وغيره ناهي. پاڻ ڪيترن ئي خوبين جا مالڪ آهن، سندن شمار سنڌ جي نوجوان شاعرن ۾ ٿئي ٿو، سندن شعر ۾ جا بيت ۽ الفاظن جي ادائگي دل تي ڏاڍو اثر انداز ٿئي ٿي سندن ڪيترائي ڪلام مختلف ڪتابن، رسالن ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندا رهن ٿا. پاڻ مانائتي ۽ سلجهيل طبيعت جا مالڪ آهن.

## شاهه ڀٽائي:

سندن چوڻ آهي ته شاهه جو ڪلام آفاقي ڪلام آهه. شاهه جو ڪلام سڄي دنيا لاءِ ڀائيچاري، امن جو پيغام ۽ گڏجي رهڻ جو پيغام آهه. سندن پسند جو هي شعر آهي.

ٻڌندي ٻوڙن کي - ڪي هاڪ هڻن وڃن.

## آبادگار

سندن چوڻ آهي ته هي دور هاري ۽ آبادگار جو آهي کيس گهرجي ته هو حڪومت جي زرعي اصلاحات مان فائدو حاصل ڪن، اهو ضروري نه آهي ته هو مڪينائيز طريقا استعمال ڪري مگر هو انهن ئي پراڻن طريقن سان محنت ڪري ته هو خوشحال زندگي ماڻيندو، ۽ جنهن سان اسان ۽ اسان جي پياري سنڌڙي آباد ۽ شاد رهندي.

**شاگرد:**

شاگرد لاءِ سنڌن پيغام آهي تہ هو عوامي حڪومت جي ڇانوَ ۾ سهولتن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن، شاگردن کي گهرجي تہ پنهنجن ادارن جي سڌاري جي ڪم ۾ ڀاڱو وٺن ۽ تعليم دوران سياست ۾ عملي حصو نہ، مگر ملڪ جي سياست کان واقفيت لازمي آهي.

**شاه پنائي:**

جاموٽ صاحب جو چوڻ آهي تہ شاه پنائي جي شعر ۾ ديهي سان گڏ ديني معنيٰ رکيل آهي، شاه جو رسالو اسان لاءِ ديني مشعل آهي. شاه پنائي خود پنهنجي ڪلام ۾ فرمايو آهي تہ:

جي تو ڀيت ڀانيا سي آيتون آهن
نيو من لائين- پريان سندي پار ڏي

**هاري:**

جاموٽ صاحب جو چوڻ آهي تہ اسانجي هاري ڀاءُ کي گهرجي تہ هو عوامي حڪومت جي رائج ڪيل زرعي اصلاحات مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري. جيڪڏهن اسانجو هاري ڀاءُ چاهي تہ هو خوشحال ٿئي تہ کيس محنت ڪرڻ گهرجي جيڪا سندس ضرورتن مثال ٻچن جي تعليم، سٺو گذران، کي سٺي طرح سان منهن ڏيندي. هو اهڙن عناصرن کان دور رهي جيڪي کيس ناجائز طور استعمال ڪن، اسان جي هاري تي سڄي قوم جي جوابداري آهي جنهن کي نڀائڻ لاءِ کيس محنت ۽ صرف محنت ڪرڻ گهرجي.

# الحاج غلام حيدر خان نظاماڻي

## ميمبر سنڌ اسيمبلي



الحاج غلام حيدر خان نظاماڻي ۱۲ ڊسمبر ۱۹۲۸ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ لعل خان نظاماڻي ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب جو حاجي تاج محمد خان نظاماڻي صوم و صلوات جا پابند هوندا هئا جنهنڪري پاڻ سندن فرزندن کي به صوم و صلوات لاءِ تاڪيد ڪندا رهندا هئا ۽ ديني تعليم ڏانهن به پاڻ پڙهڻ قرآن شريف جنهن ۾ سندن استاد فقير محمد پروهي، فارسي، عربي ۽ سنڌي جي تعليم به پرائي. تعليم کان پوءِ پنهنجي آبائي پيشي زميداري کي لڳي ويا. انهن کان سواءِ ديني ڪمن ڏي به سندن لاڙو هو رهيو آهي.

### سماجي ڪم:

زميداري دوران سندن دل ۾ هميشه سماجي ڪمن ۾ وڌي چڙهي حصو وٺڻ جو شوق هو انهيڪري ملان

رهون پيا تنهنڪري اڄ جي شاگرد کي گهرجي ته هو اڄ ڪلهه جي پڙهائي جي قدرن مان فائدو حاصل ڪري هو تعليمي ميدان ۾ پڻ ۽ مقابلي جوڳو هجي ڪنهن ٻئي تعليم ڏي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

## شاهه ڀٽائي:

باقي چون ٿا ته شاهه جو ڪلام دين جي تبليغ آهي. ۽ شاهه صاحب جو ڪلام مان ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه صاحب پنهنجي سڄي عمر دين جي تبليغ ۾ وقف ڪئي ۽ شاهه جو رسالو هڪ مانڊڪ مڻيادار آهي. ڪنهن شاهه سائين جو هي بيت پسند آهي.

تتي ٿڌي ڪاهه - ڪاهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهه - پير نه پسين پرين جو.

## هاري

اسان جي هاري ڀاءُ کي محنت ڪرڻ کپي ۽ جديد زرعي طريقن سان پوک ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان جي ملڪ جي معيشت تي اثر نه پوي ۽ اسان جو ملڪ زراعت ۾ اڳيرو ٿئي.

# جناب سيد نذر شاه



جناب سيد نظر شاه ولد سيد خير شاه جن سال ١٩٢٤ع جي ڊسمبر مهيني ۾ ڪوئيٽا ۾ پيدا ٿيا، سندن وڏا اڄ کان اٽڪل ڏيڍ سئو سال پهرين اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا.

پاڻ ابتدائي تعليم نوابشاه سيڪنڊري تعليم نوابشاه مان مئٽرڪ سال ١٩٤١ع ۾ پاس ڪئي. تعليم کان پوءِ زميدنداري ۾ لڳي ويا.

## سماجي ڪم:

شاه صاحب هڪ سٺا سماجي ڪارڪن آهن نوابشاه جي سول اسپتال جو سڌارو ۽ واڌارو پنهنجيءَ دوستن جي جي خرچ سان ڪيو، جڏهن پاڻ لوڪلبورڊ نوابشاه جا چيئرمين هئا تڏهن سندن وقت ۾ ڪيترائي سڌاري جا ڪم ٿيا. پاڻ هميشه شاگردن جي خدمت ڪندا رهيا آهن.

## شاگرد:

شاه صاحب جن شاگرن کي مخاطب ٿيندي چون ٿا

۽ جيئن ته هو ٻهراڳين علم جو طالب آهي، تنهنڪري ڪيس ٻهراڳين تعليم ڏرائڻ گهرجي، ۽ دوران تعليم پنهنجو سمورو وقت پنهنجي تعليم ۾ صرف ڪن.

**شاهه پڙائي:**

شاهه پڙائي بابت سيد نظر شاهه جو چوڻ آهي ته شاهه پڙائي جو ڪلام تصوف آهي سندس ڪلام عبادت آهي، اسين شاهه صاحب جي ڪلام تي عمل ڪريون ته شاهه پڙائي جو سچو ڪلام سون آهي.

**هاري**

هاري بابت سندن چوڻ آهي ته عوامي حڪومت کان اڳ، هارين سان ڪافي زيادتيون ٿيون هيون ۽ عوامي حڪومت هارين کي ڪافي سهولتون ڏنيون آهن. ڪين هاڻي گهرجي ته هو محنت ڪن جنهن ۾ قوم، ملڪ جو پلو آهي ۽ سندن پلو آهي.

سيد نظر شاهه ۱۹۷۰ع جي چونڊن ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# جناب علي نواز خان انڙ



جناب علي نواز خان ولد رئيس ولي محمد خان جن سال ١٩٢٢ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ قاضي احمد ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم قاضي احمد مان حاصل ڪئي تنهن بعد پنهنجي آبائي ڌنڌي زمينداري کي لڳي ويا.

انڙ صاحب جن جو شمار سنڌ جي نامور روشن خيال زراعت ۽ باغباني جي ماهرن ۾ آهي. ڪين زراعت باغباني، زمين بابت ڪافي ڄاڻ آهي. ۽ انهيءَ سبب آهي جو

## شاهه ڀٽائي:

اُن صاحب جو چوڻ آهي ته شاهه ڀٽائي جو اسان جي دلين تي قبضو آهي سندن پيغام اسان وٽ محفوظ آهي. ڀٽائي صاحب هڪ فلاسفر، وڏا شاعر ۽ ولي الله هئا. شاهه جي ڪلام جو زندگي جي هر شعبي تي اثر آهي. ڪن شاهه سائين جو هي بيت وڌيڪ پسند آهي.

سائين سدائين ــ ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار ــ عالم سڀ آباد ڪرين.

(شاهه)

## هاري:

اُن صاحب جو چوڻ آهي ته اسان جي آبادگار جو اولين فرض آهي ته هو پنهنجي واٽرن ۽ ناٽين تي ڌيان ڏين، جيڪڏهن هو آبادي وڌائڻ ٿا چاهين ته زمين جي صحيح لهول ڪن. الهيءَ لاءِ ڪين محورو ولڻ گهرجي، جديد طريقن سان اسين آبادي وڌائي سگهون ٿا.

عوامي حڪومت آبادگارن کي ڪيترين ئي سهولتون ڏنيون آهن جن مان هو فائدو حاصل ڪري، ۽ پنهنجي زرعي آبادي وڌائي جيڪا سندس زندگي خوشحال بڻائيندي.
اُن صاحب ١٩٧٠ع جي اليڪشن ۾ سنڌ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# جناب واحد بخش خان ٻگهيو



جناب واحد بخش خان ٻگھيو ولد رئيس ڏني بخش خان ٻگھيو جن پنهنجي آبائي ڳوٺ لعمن گڏ تعلقي ڏوڪري ۾ ۱۹۴۰ع ۾ ڄاول ٿيا. پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ بعد ۱۹۵۸ع ۾ لاڙڪاڻي مان مئٽرڪ پاس ڪئي. ان بعد گھرو حالتن جي ڪري اڳتي تعليم کي الوداع چئي پنهنجي آبائي پيشي زميداري کي لڳي ويا.

## سماجي ڪم:

ٻگھيو صاحب هڪ نوجوان سماجي ورڪر ۽ بهترين صلاحيتن جا مالڪ آهن. پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ خانگي اسڪول جنهن ۾ بورڊنگ جو به بندوبست آهي قائم ڪيو اٿن، جنهن ۾ ڪجهه شاگرد پڙهن ۽ رهن ٿا. تنهن کان سواءِ جهڏيو سهڙو، مگرپاڙا، پرائي گڏ ۾ اسڪولن جو بنياد وڌو اٿن. ان کان علاوه ڪيترن ئي ڳوٺن کي سندن ڪوشش

الله ڏاهي ۽ ڏيان، ڏاهيون ڏک، ڏسن
مون سڄڻ سون ساڻ، پوراڻي ۾ پال ڪيا.

## هاري

پلیجو صاحب جو چوڻ آهي ته اڄوڪو هاري عوامي حڪومت جي زرعي سڌارن مان مطمئن آهي. هاڻي کين گهرجي ته محنت ڪن ۽ زراعت جي پراڻن طريقن سان گڏ نوان طريقا ورتائي ملڪ جي آبادي وڌائين ڇاڪاڻ جو ملڪ جي آبادي وڌائڻ ۾ انسان جو ملڪ سرسبز آباد ٿيندو ۽ خودڪفيل بڻجي ويندو. جنهن ۾ هاري جو به ڀلو آهي ۽ ملڪ ۽ عوام جو به ڀلو آهي.

پلیجو صاحب جن ١٩٧٠ع جي چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي سنڌ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ کٽي.

# جناب در محمد اوستو



اوستو صاحب جن ١٦ جولاءِ ١٩١٧ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ پائي ڏڏه آباد ضلع جيڪب آباد ۾ جنم ورتو. پائي ڏڏو جو ڳوٺ سندن ڏاڏي صاحب جي نالي سان آهي. سندن والد صاحب جناب محمد حيات جن هڪ نيڪ ۽ درويش صفت انسان هئا. اوستو قبيلا اصل ۾ سومرا آهن ۽ اوستو سندن لقب آهي. جناب در محمد صاحب جن ابتدائي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ شڪارپور جي چيلا سنگهه سيتلداس اڪيڊمي مان پاس ڪئي. اوستو صاحب جن کي فارسي ۽ عربي مان سٺي ڄاڻ آهي ۽ اها تعليم پاڻ مولوي محمد ايوب مهر صاحب کان پرائي.

اوستو صاحب جن جو چوڻ آهي ته پاڻ ١٩٣٢ع ۾ ڳوٺان لڏي اچي جيڪب آباد ۾ رهيا.

## شاهه ڀٽائي:

شاهه سائينءَ بابت سندن چوڻ آهي ته شاهه جو پيغام اخوت، محبت، حب الوطني ۽ الفت لوڪن سان ڀرپور آهي ۽ خدا تعاليٰ اسان کي توفيق عطا فرمائي ته پنهنجي ملڪي ۽ صوفي شاعر جنهن جو درجو اعليٰ آهي ان جي ڏيکاريل راهه ۽ سندس پيغام ۾ سمايل رازن تي عمل ڪريون ۽ پاڻ ۾ خاصيتون پيدا ڪريون. ڪين هي سٽون پسند آهن:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين
(شاهه)

اوستو صاحب جن ١٩٧٠ع جي چونڊن ۾ جيڪب آباد مان سنڌ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا ۽ جناب ممتاز علي ڀٽو صاحب جي وزارت ۾ سنڌ جا وزير تعليم ٿيا.

# راڻا چندر سنگهه صاحب



راڻا چندر سنگهه ولد راڻا ارجن سنگهه ۹ مارچ ۱۹۳۱ع ۾ عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيا. سندن وڏن کي ٿر ۾ جاگيرون مليل هيون ۽ اهي راڻا جاگير مشهور آهي. سندن تعلق مشهور راجپوت قوم سوڍا سان آهي، راڻو سندن لقب آهي.

اسان تاريخ جو مطالعو ڪنداسين ته سوڍا هڪ بهادر راجپوت قبيلو آهي. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ڏيرادون مان سينئر ڪيمبرج ڪئي.

## سماجي خدمتون:

جيئن ته راڻا صاحب جن پهنجي تڪ ۾ ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا آهن. پاڻ ڪيترن ئي هندو شاگردن جي

# جناب مير سندر خان سندراڻي



جناب مير صاحب سال ١٩٢٦ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ دڙي تعلقه کنڌڪوٽ ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب سردار مير زين الدين خان مشهور ۽ معروف شخصيت هئا ۽ پنهنجي قبيلي جا سردار هئا. سندراڻي بليدي بلوچ قبيلي جي هڪ شاخ آهي جي قبائل ايران ۽ روس ۾ به آهن، سندراڻي صاحب جا وڏا جن ۾ مير چاڪر خان جو نالو سر فهرست آهي جيڪي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا.

مير سندر خان پنهنجي ابتدائي تعليم سينٽ پيٽرڪس اسڪول ڪراچي مان حاصل ڪئي ۽ ٥-٦ سال علامه آءِ. آءِ. قاضي جن جي صحبت ۾ گذاريو ۽ جناب اي. ڪي بروهي صاحب کان پرائيويٽ پڙهائيندا هئا. ۽ اهوئي سبب آهي جو مير صاحب کي علم، ادب ۽ تاريخ ۾ ڪافي چاهه آهي.

## سماجي ڪم

جيئن ته مير صاحب جن هڪ سٺا سماجي ورڪر آهن

آهي ته اسان جي ملڪ جو دارومدار زراعت تي آهي ۽ اسان جي ملڪ جي هاري کي زراعت وڌائڻ لئي پنهنجو سمورو وقت صرف ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن اسان زراعت نه وڌائي نه پوءِ اسين اڳتي هلي خودڪفيل ٿي ڪونه سگهنداسين.

هاري ۽ زميندار هڪ گاڏي جا ٻه ڦيٿا آهن تنهنڪري سندن تعاون نهايت ضروري آهي.

مير سندر خان سال ١٩٧٠ع جي اليڪشن ۾ صوبائي اسيمبلي سنڌ لاءِ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ميمبر چونڊيا ويا.

# جناب عبدالحميد ميمڻ ولد حاجي صادق علي ميمڻ ٺٽو۔



جناب عبدالحميد ميمڻ صاحب ١٩ جولاءِ سال ١٩٤٦ع ۾ ٺٽي ۾ پيدا ٿيا. سندن خاندان سنڌ ۾ تعارف جو محتاج نه آهي. سندن والد صاحب مرحوم حاجي صادق علي ميمڻ جن هڪ خدا ترس، بزرگ ٿي گذريا آهن، ۽ هميشه ٺٽي عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ڪيو. جنهن لاءِ سڄي سنڌ کين ياد ٿي ڪري. جناب عبدالحميد صاحب جن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺان آخوند برادريات مدرسي مان پوءِ مئٽرڪ ١٩٦٤ع گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺٽو ١٩٦٦ع ۾ (بي. اي) ايس. ايم ڪاليج ڪراچي مان ڪئي. جڏهن ته سندن والد محترم جن جو انتقال سال ١٩٧١ ۾ ٿيو ۽ پاڻ مجلس پارٽي طرفان ايم. پي. اي ٿيا آهن.

## سماجي ڪم:

سندن چوڻ آهي تہ اسان جو ضلع گهڻو پٺتي پيل هو، هن ضلعي لاءِ اڃا ڪجهہ ڪرڻو آهي.

سندن وڏن کان وٺي ديهي مدرسن ۽ تعليمي ادارن جي مدد جو سلسلو هلندو پيو اچي ۽ پاڻ بہ انهيءَ سلسلي کي قائم رکيو اچن. سندن چوڻ آهي تہ جيئن هميشہ سندن مٿان وڏي ذميواري آهي ۽ پاڻ پنهنجي ملڪ جي اڳيان جوابدار آهن پاڻ پنهنجي ضلعي جي سماجي ڪمن ۾ دلچسپي سان ڀرو وٺي رهيا آهن.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي محترم صاحب جن چيو تہ شاگردن ۾ ڇوڪرا هجن يا ڇوڪريون کين دل لائي تعليم پرائڻ گهرجي. اسان جي ملڪ ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي سخت ضرورت آهي انهيڪري اسان کي ڇوڪرين جي تعليم ڏانهن وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ جيئن هن مادرن زماني ۾ ڇوڪريون مردن سان تعليمي ميدان ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلن ۽ پٺتي نہ هجن.

## شاهہ ڀٽائي:

شاهہ سائين جي ڪلام بابت محترم صاحب جن جو چوڻ آهي تہ شاهہ جو ڪلام لصحت، آهي ۽ سائين جو سڄو رسالو زندگي جي سڀني پهلوئن لاءِ روشني وجهي ٿو. کين ڀٽائي ڀلاري جو هي شعر وڌيڪ پسند آهي ڇاڪاڻ جو هن بيت ۾ سستي کي ننديو ويو آهي.

ستا اٿي! جاڳ، ـ ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ـ ننڊن ڪندي نہ ملي.

(شاهہ)

## هاري

هاري کي مخاطب ٿيندي سندن چوڻ آهي ته اسان جي عوامي حڪومت جي زرعي سڌارن مان هاري ڀائرن کي پورو پورو فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي جيئن ته اسان جو ملڪ اڳتي هلي دنيا جي ملڪن سان آبادي، زراعت جي ميدان ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي.

# الحاج امير بخش خان جوڻيجو



جناب امير بخش خان جوڻيجو ولد امام بخش خان جوڻيجو جن سال ١٩٢٤ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ علي بخش خان جوڻيجو، تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيا. سال ١٩٣٩ع ۾ فائنل پاس ڪئي ۽ ١٩٤٠ع ۾ آبداري پاس ڪئي ۽ ديني تعليم پنهنجي ڳوٺان حاصل ڪئي.

## سماجي ڪم:

جوڻيجو صاحب جن پنهنجي محنت، صداقت ۽ ايمانداري جي ڪري مشهور آهن، پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليو جنهن ۾ استادن جو پگهار پاڻ ڀريندا آهن ان ڪالسواءِ پاڻ ٣٠ شاگردن لاءِ بورڊنگ هائوس جو بندوبست به ڪيو اٿن تنهن ڪالسواءِ قاضي برهان الدين خانپور وارو ۽ شاهه عنايت جي مقبري جي تعمير ۾ سندن ڪافي حصو آهي. پاڻ سندن والد صاحب جي وفات کانپوءِ چيئرمين ٿيا ۽ سندن انتظاميه ۾ ڪيترائي فلاح بهبود جا ڪم ٿيا

۱۹۷۰ع جي اليڪشن ۾ پاڪ پيپلس پارٽي جي طرفان سنڌ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا، هن اليڪشن ۾ پاڪ سڄي مغربي پاڪستان ۾ تمام گهڻا ووٽ کڻي ۽ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيا.

# سيد مراد علي شاهه پريا



سيد مراد علي شاهه والد سيد نور محمد شاهه صاحب جن سنه ١٨٣٨ع جولاءِ ٢٤ تي ڳوٺ پريا ۾ پيدا ٿيا، پاڻ ابتدائي تعليم پريا شهر ۽ مئٽرڪ لوڪل بورڊ هائي اسڪول ٽارو شاهه مان سال ١٩٥٦ع ۾ پاس ڪئي ۽ بي- اي سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان سال ١٩٦٠ع ۾ پاس ڪئي.

## سماجي ڪم:

جيئن ته شاهه صاحب جو تعلق هڪ معزز امير سيد گهراڻي سان آهي، تنهن جي باوجود پاڻ هڪ بهترين سماجي ڪارڪن آهن ۽ پاڻ سماجي خدمتون ڪندا پئي آيا آهن، جن ۾ پاڻ اڃا مئٽرڪ جو امتحان ڏنو هئائون ۽ تنهن بعد پاڻ اسڪول (جتان مئٽرڪ جو امتحان ڏنو) ۾ ويهي ڇوڪرن کي فارسي پڙهائيندا هئا، تنهن بعد جڏهن هائي اسڪول ڪاليج جي درجي کي پهتو ته شاهه صاحب جن رضاڪارانه طور ڪاليج ۾ اقتصاديات جا درجا وٺندا هئا.

کين هي بيحد وڌيڪ پسند آهي.

الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم
تڏهن تت ڪيوم وچن ورهين سين

هاري ڀاءُ کي پيغام ڏيندي شاهه صاحب جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن هاري چاهي ته هو ڪامياب زندگي گذاري ته کيس ٻن ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي. (١) محنت (٢) ايمانداري. تنهن سان گڏ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏانهن رجوع ڪن کين زناني تعليم ڏانهن به توجه ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو هڪ سٺي شهري بنجڻ لاءِ تربيت ضروري آهي جيڪا کيس والدين کان ملي ٿي.

ماءُ جو ڪردار ٻار لاءِ وڏي اهميت وارو آهي. تنهن ڪري زناني تعليم کان به هاري کي غافل نه ٿيڻ گهرجي ۽ اسان جي هاري جي اولاد کي گهرجي ته هو تعليم سان گڏوگڏ پنهنجي پيءُ جي ڪم ۾ به چاڙ رکن. تنهن کان سواءِ هاري کي جيترو ٿي سگهي محنت ڪري، اها محنت سندس ذات لاءِ، سندس ٻچن لاءِ منتري ملڪ لاءِ ڪري.

# جناب حاجي محمدبخش خان جمالي

جناب حاجي محمد بخش خان جمالي ولد رئيس ڏاتل خان جمالي جن سال ١٩٣٦ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ڏاهي ۾ پيدا ٿيا. سندن تعلق مشهور جمالي بلوچ قبيلي سان آهي، جيئن ته جمالي صاحب جن جا والد صاحب به جمالي قوم جا سردار هئا، ۽ سندن وفات کان پوءِ حاجي محمد بخش خان کي جمالي قوم جو سردار تسليم ڪيو ويو. جمالي صاحب جن عابد ۽ مخلص آهن، ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٽپيداري جو ڪورس ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي آبائي ٻنيءَ زمينداري ۾ لڳي ويا.

## سماجي خدمت:

جيئن ته حاجي صاحب ٻه ڀيرا يونين ڪائونسل بهاول پور جا چيئرمين چونڊيا ويا ۽ پنهنجي ايام ڪاري ۾ ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا آهن ۽ ڪيترائي اسڪول ۽ مدرسا ٺهرايائون باقي هميشه غريبن ۽ مستحق ماڻهن جي مدد ڪندا رهن ٿا.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي حاجي صاحب جن جو چوڻ آهي ته شاگرد کي گهرجي ته هو پنهنجي زندگي صحيح راهه تي هلائين ۽ سمجهن ارادي جي پختگي هجي ڪن ديني تعليم جي ڄاڻ ضروري آهي ۽ پنهنجو سڄو ڌيان تعليم تي ڏين. تعليم جو مقصد سمجهن ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ضروري آهي.

**شاهه پڙهائي:**

حاجي صاحب جن جو چونڊ آهي ته شاهه سائين جو ڪلام ٻڌڻ اولهيءَ معنيٰ رکي ٿو ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته علم وارو ماڻهو هجي ۽ سمجهدار هجي.

**هاري:**

حاجي صاحب جو چونڊ آهي ته هاري هجي يا زميندار ڪمن ڀاڱ ۾ ٻڌي ڪرڻ گهرجي ۽ محنت ڪرڻ گهرجي.

حاجي محمد بخش خان جن سال ١٩٧٠ع جي اليڪشن ۾ پيپلس پارٽي جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا.

# جناب ولي محمد چاموٽ



جناب ولي محمد چاموٽ صاحب جن ۱۹۱۹ ۾ ڪراچي جي ابراهيم حيدري ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۳۳ ۾ سنڌ مدرسة الاسلام مان مئٽرڪ ڪئي سندن اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ جو خيال هو مگر ڪن مجبورين سبب اڳتي تعليم حاصل ڪري ڪونه سگهيا. سندن چوڻ آهي ته پاڻ مورڙي جي خاندان سان تعلق ٿا رکن ۽ مورڙي ۽ مڇ جو ذڪر شاهه جي رسالي ۾ آهي، ڪراچي جو اصل نالو ڪلاچي هو ۽ مائي ڪلاچي هڪ همت ڀري عورت ماهيگير خاندان ۾ ٿي گذري آهي ۽ وقت بدلجڻ کان پوءِ ڪلاچي مان ڦري ڪراچي نالو ٿيو.

## سماجي ڪم

پاڻ ۱۹۴۵ ۾ ڪراچي فشرمين سوسائٽي قائم ڪئي ۽ ان جا وائس چيئرمين ٿيا. اها سوسائٽي جو تمام ماهيگيرن جي فلاح و بهبود لاءِ آهي ۽ هن سوسائٽي تحت ماهيگيرن

کي ڪيترين ئي سهولتن مليل آهن، هي سوسائٽي پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي سوسائٽي آهي. جاموٽ (ڇڳو مڙس) جي حيثيت سان ولي محمد صاحب پنهنجي قوم جي اصلاح ۽ بهبود لاءِ ڪافي ڪجهه ڪيو. اهوئي سبب آهي جو اڄ ماهيگيرن جي ٻارن کي اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ تعليم جاري رکڻ لاءِ وظيفا ڏنا وڃن ٿا ۽ مهاڻي جي ماهيگير ڪميونٽي کي ترقي ڏيارڻ لاءِ سندن ڪوششن کي ساراهيو وڃي ٿو.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي جاموٽ صاحب جو چوڻ آهي ته شاگردن جو فرض آهي ته هو تعليم سان چاهه رکن ۽ دل لائي پڙهن. عملي سياست کان پري هجن سچو ڌيان علم پرائڻ ڏانهن ڏين ڇاڪاڻ جو اڳتي هلي ڪين علم ڪم ايندو ۽ موجوده عوامي حڪومت جي تعليمي اصلاحاتن مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪن.

## شاهه ڀٽائي

شاهه سائين بابت ولي محمد صاحب جو چوڻ آهي ته ته شاهه جي شعر کي جيتري ڳوڙهي اتي لهي ٿو، سندن شعر ۾ دنيا جي هر پهلو تي روشني وڌل آهي ڪين شاهه سائين جو هي شعر وڌيڪ پسند آهي.

جي پاڻين ته جوڳي ٿيان - ته رلي ڪڇي ۾ رل
آهن پاڻ اڪيلا - ڇو پنهن پيار ڪان
(شاهه)

١٩٧٠ جي اليڪشن ۾ جاموٽ صاحب پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي ڪامياب ٿيا ۽ سنڌ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر آهن.

# جناب پير غلام محي الدين جيلاني
# پير آف راڻي پور-

## سجاده نشين درگاه شريف راڻي پور-



جناب پير غلام محي الدين جيلاني جن سن ١٣٥٠ع هجري ۾ درگاه راڻي پور ۾ تولد ٿيا، پاڻ حضرت پير احمد شاه جيلاني جن جا وڏا فرزند ارجمند آهن. پاڻ هڪ روحاني بزرگ آهن پاڻ حضرت محبوب سبحاني، حضرت پيران پير دستگير سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان آهن سندن وڏا

(١) سيد ابو محمد صالح شاه (٢) پير عبدالرزاق شاه (٣) پير غلام غوث شاه (٤) پير غلام ياسين شاه (٥) پير غلام غفار شاه (٦) پير نياز حسين شاه (٧) پير راز دستگير (٨) پير فياض دستگير- جيڪي زير تعليم آهن.

**مشاغل:**

شڪار سندن پسند جو مشغلو آهي، ۽ پاڻ سنڌ ۾ اول درجي جي شڪار ڪندڙن مان آهن. ان کان سواءِ پاڻ اعليٰ قسم جا شهسوار به آهن.

# سردار نور محمد خان ٻجاراڻي



مير نور محمد خان ٻجاراڻي ولد سردار مير ڪرم خان ٻجاراڻي ۲۱ آگسٽ ۱۹۳۱ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ڪرمپور ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي آبائي پيشي زميداري کي لڳي ويا. اڃا پاڻ ۱۶ سالن جي عمر جا هئا ته کين سرداري جي پڳ ٻڌائي وئي. ٻجاراڻي قوم جيڪا ساڍا ۵ لک آهي ۽ سنڌ ۾ آباد آهي انهن سڀني قوم جا سردار آهن ۽ انهيءَ سڀني ٻجاراڻي قبيلن جا فيصلا پاڻ ڪندا آهن.

## سماجي ڪم:

سردار مير نور محمد خان ٻجاراڻي جن هڪ سردار هئڻ جي حيثيت سان ڪافي سماجي ڀلائي جا ڪم ڪيا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا. ڪرمپور مڊل اسڪول ۽ هاسٽل

سندن ڪوششن جو نتيجو آهي ۽ اهي رهندڙ شاگردن کي
ماني ۽ ڪتاب وغيره مفت ۾ ڀوتار صاحب جي طرفان
ڏنا وڃن ٿا. انهن کان سواءِ بلوچ قوم جي سماجي بهبود
وارن ڪمن ۾ خاص دلچسپي وٺن ٿا. ڪيترن غريب شاگردن
جي پڙهائي جو خرچ برداشت ڪيو اٿن ۽ انهن شاگردن
مان ڪيترا انجنيئر ۽ ڊاڪٽر آهن.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي ڀوتار صاحب جو چوڻ
آهي ته شاگردن کي گهرجي ته پهريون پورو ڌيان تعليم تي
صرف ڪري ۽ عملي سياست کان پري رهن، اهوئي سبب
آهي جو عملي سياست ۾ دلچسپي حاصل ڪري تعليمي
ميدان ۾ پٺتي رهجيو وڃن.

## شاه پڙهائي:

ڀوتار صاحب جو چوڻ آهي ته سنڌ جي خدمت
جيتري شاه صاحب ڪئي آهي اوترو ڪنهن به ڪانه
ڪئي آهي، شاه صاحب جي رسالي کي بي. اي. تائين
ڪرڻ گهرجي ۽ سندس ڪلام کي هر سنڌي پڙهي جنهن
مان اسان کي ڪافي ڪجهه ملندو.

## هاري:

سنڌ جي هاري کي مخاطب ٿيندي ڀوتار صاحب
جو چوڻ آهي ته عوامي حڪومت جي زرعي اصلاحات
مان اسانجي هاري طبقي کي فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي ۽
انهيءَ زرعي آبادي وڌائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪن،
محنت ۾ سندن فائدي جي ڳالهه آهي ۽ ملڪ ۽ قوم جو
به ڀلو. سائنٽفڪ طريقن سان آبادي ڪري ملڪ جي
پيداوار وڌائين.

جناب نور محمد خان بجاراڻي صاحب جون ١٩٧٠ع
جي چونڊن ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر منتخب ٿيا، مگر
١٩٧٣ع ۾ اها سنڌ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پنهنجي
فرزند مير هزار خان بجاراڻي کي خالي ڪري ڏني ۽ مير
هزار خان بجاراڻي هاڻي سنڌ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر
آهن ۽ جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي وزير اعليٰ سنڌ جي
وزارت ۾ وزير مواصلات رهيا آهن.

# صغرا بيگم

# (ليڊي سر غلام حسين هدايت الله).



بيگم صاحبه جن سن ١٩٠٦ع ۾ شڪارپور ۾ جنم ور
شروعاتي تعليم قرآن شريف پنهنجي گهر ۾ پرائي. سندس
خاندان احمد شاه ابدالي جي خاندان مان آهي ۽ ٻاڻ ٻولڻ
ڏاڍي سناط آهن.

سائين جو ڪلام پڙهي هميشه سان هڻندا هون - بيگم صاحب
جن سنڌي پرهيزگار صوم و صلوات جون پابند آهن ۽ زندگي
جا آخري ڏينهن الله تعاليٰ جي ياد ۾ گذاري رهيون آهن
کين علم ۽ ادب سان گهري دلچسپي آهي پاڻ هميشه غريبن
۽ مستحق ماڻهن جي مدد ڪنديون رهن ٿيون.

# الحاج مير الهه بخش خان منگسي بلوچ

## پريزيڊنٽ آل پاڪستان منگسي تنظيم ۽ هڪ
## روشن خيال زميندار



مير الهه بخش خان منگسي ولد مير گل محمد خان منگسي جو جنم ۱۴ آگسٽ ۱۹۳۲ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ حاجي الهندو خان منگسي ۾ پيدا ٿيا. جيڪو سرڪاري ريلوي اسٽيشن کان ۳ ميل مٿان جي مفاصلي تي آهي. پاڻ اعليٰ تعليم يافته آهن.

سال ١٩٤٨ع ۾ "مڪسي تنظيم" نالي هڪ تنظيم قائم ٿي جنهن جا پاڻ پريزيڊنٽ آهن ۽ پريزيڊنٽ جي حيثيت سان پنهنجي مڪسي قبائل لاءِ رات ڏينهن محنت ڪن ٿا تنظيم جنهن جو مقصد آهي ته مڪسي قبائل جي فلاح ۽ بهبود. سندن چوڻ موجب ته مڪسي قبائل، يمن، سعودي عرب، شام، شام، لبنان عراق ۽ ايران ۾ پکڙيل آهن.

سندن چوڻ موجب ته تنظيم کان اڳ، هي قبيلا منتشر ٿيل هو ۽ تنظيم جي ڪري هي قبائل پاڻ ۾ هڪ پليٽ فارم تي اچي گڏ ٿيا آهن.

مير صاحب جي چوڻ موجب ته هر هڪ قبيلي ۾ نهايت باشعور ماڻهو موجود آهن، کين گهرجي ته پنهنجي قبيلن کي سماجي ۽ معاشي طرح بيدار ڪن. جيڪڏهن اهو باشعور ماڻهو پنهنجي قبيلي جي تنظيم نه ڪندو ته اڳتي يعني الله تعاليٰ وٽ جڏهن اهو سوال اٿندو ته توهان پنهنجي قبيلي لاءِ ڇا ڪيو ته ڪهڙو جواب ڏيندو؟

## شاهه پڙهائي بابت رايو:

مير صاحب جو چوڻ آهي ته شاهه سائين جو سنڌ ۽ سنڌي ٻولي تي وڏو احسان آهي. سندن چوڻ موجب ته شاهه سائين جو رسالو هونءَ ته سچو پارس آهي مگر کين خاص ڪري هن بيت سان لڳاءُ آهي.

ولر ڪيو وڻن پرت نه ڇنن پاڻ ۾
ڏسو پکيئڙن ماڻهان مٽ گهٽي

۽ انهي ئي کان متاثر ٿي پاڻ پنهنجي تنظيم کي پڪو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ٻهراڙون دفعه، اسانجي ملڪ جي اپوجهه هاري کي پيپلز پارٽي جي حڪومت دوران آئيني حقوق مليا آهن. ۽ ان کان پوءِ به سندن پارٽي "پيپلس پارٽي" هتي جي هاري ڀاءُ کي وڌيڪ سهولتون ڏيندي.

اهو ڏينهن به دور نه آهي جو جڏهن هاري ڀاءُ لاءِ خوشين جو سورج طلوع ٿيندو ۽ اسانجي ملڪ جو هاري دنيا جي زرعي طبقي ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندو ۽ سندن چوڻ آهي ته آئون انهيءَ سڄ جي اڀرڻ جي انتظار ۾ آهيان.

حج:

پاڻ ۵ حج ڪيا اٿن ۽ سندن چوڻ آهي ته جڏهن ماڻهو کي الله ۽ ان جي حبيب سان سچي الفت آهي ۽ سربلندي ڏيندڙ وارو آهي ۽ سندس ايمان پختو آهي ته دنيا جي ڪابه طاقت سندس ايمان کي لوڏي نٿي سگهي. چاهي سندس راهه ۾ ڪيترا به ڪنڊا اچن ته به.

ماڻڪ ملهائي مرڪي لڪتو مڇ مان شاه

سياحت:

پاڻ سڄي يورپ ۽ مڊل ايسٽ جي ڪيترائي دفعه سياحت ڪري آيا آهن ۽ پنهنجي تنظيم جو پيغام به جن ملڪن ۾ مسڪيني قبائل رهن ٿا انهن تائين پهچايو آهي.

سنڌ، تن، من ڌن ۽ سڀ ڪجهه قربان آهي. وطن جي عظمت اڳيان سڀ کان مقصد آهي ڇاڪاڻ جو وطن جي حب ايمان جي نشاني آهي.

سمدن آهي ته دکهي انسانيت جي خدمت ڪرڻ
پنهنجو فرض ٿو سمجهان ۽ الله تعاليٰ مون کي توفيق ڏئي
ته آئون دکايل انسانيت جي همدردي ۽ مدد ڪريان.

# محترم ڊاڪٽر

## مسز الهه بخش خان منگسي

ڊاڪٽر صاحبه جن جو جنم ۱۰ آگسٽ سال ۱۹۳۵ ۾ ٿيو.

هن ۱۹۶۰ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم- بي- بي- ايس جي ڊگري حاصل ڪري ڪان پوءِ ليڊي ڊفرن اسپتال (حيدرآباد) ۾ انچارج ٿي رهيون ۽ ٻن سالن ڪان پوءِ نوڪري ڇڏي ڏنائون.

انهن دوران سندن شادي مير الهه بخش خان منگسي سان ٿي ۽ کين ۳ پٽ هر هڪ رضوان احمد گل، عمران احمد گل ۽ عرفان احمد گل ۽ ۲ نياڻيون راحيله گل ۽ نائيله گل آهن.

ڊاڪٽر صاحبه جن هڪ روشن خيال طبيعت جون مالڪ آهن،

هروقت غريبن جي مدد ڪنديون رهن ٿيون نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ سندن دلچسپي سماجي ڪمن سان ٿي ۽ خاص ڪري عورتن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪوشان رهن ٿيون.

سندن شوهر مسٽر الهه بخش خان جي تمام وڏي زميداري آهي.

ليڊي ڊاڪٽر صاحبه جن هر هفتي پنهنجي زمين تي رهندڙ هارين غريب ڳوٺاڻن جي دوا درمل ڪن ٿيون.

تنهن کان سواءِ پنهنجي اولاد جي نگهداشت ڪن ٿيون.

سندن چوڻ آهي ته عورت جو صحيح مقام سندس گهر آهي.

ماءُ جو فرض آهي ته پنهنجي ٻچن جي صحيح نگهداشت ڪري ته جيئن سندس اولاد اڳتي هلي سٺو ۽ ڪارآمد شهري ٿئي.

پاڻ ٦ حج ڪري آيون آهن سندن چوڻ آهي ته جيڪڏهن مائٽ صوم و صلوات جو پابند هوندو ته اولاد به مائٽ جي پيروي ڪندو.

جيئن ته ڊاڪٽر صاحبه جن پاڻ هڪ اعليٰ تعليم يافته

آهن تنهنڪري تعليم جي قدر کي محسوس ڪندي.

سندن چوڻ آهي ته اسان جي ملڪ لاءِ تعليم ضروري آهي،

# علي نواز شاه رضوي



سيد علي نواز شاه ولد شجاع محمد شاه پنهنجي آبائي ڳوٺ حاجي مدد شاه (ميرپور خاص ۾) ۱-۱-۱۹۴۲ ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم کان پوءِ ميٽرڪ تائين سينٽ بوناوينچر ۾ پڙهيا. ۱۹۵۹ ۾ ميٽرڪ ۱۹۶۴ ۾ بي. اي ڪئي. سندن ڪاليج لائيف ۾ پاڻ مختلف وقتن ۾ جنرل سيڪريٽري ٿي رهيا. ۱۹۶۶-۶۷ ۾ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل. ايل. بي ڪيائون. انهي دوران مذڪور ڪاليج ۾ به جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي فائز ٿي رهيا. ان کان سواءِ انٽر ڪاليجيٽ باڊي جا چيئرمين پڻ ٿي رهيا.

## سماجي ڪم

سيد علي نواز شاه صاحب هڪ مانائتي طبيعت ۽ سلجهيل ذهن جو مالڪ آهي. انهن کان سواءِ سماجي بهبود وارن ڪمن سان سندن خاص لڳاءُ پڻ رهيو آهي. پاڻ هر وقت ڳوٺاڻن ۽ هارين جي ڪمن ۾ مشغول رهن ٿا.

۽ سنڌين هر طرح جي مدد ڪن ٿا. انهن کان سواءِ پاڻ وڪالت به ڪري ڪندا آهن جنهن لاءِ في وغيره ڪونه وٺندا آهن. محمد علي نواز شاه سماجي ميدان ۾ هڪ اڀرندڙ نوجوان شخصيت جا مالڪ آهن ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سندن سماجي ڪمن جو چرچو هر خاص و عام جي زبان تي هوندو.

## شاگرد

شاه صاحب شاگردن کي مخاطب ٿيندي چون ٿا ته شاگردن کي گهرجي ته پنهنجو پورو ڌيان تعليم ڏانهن ڏين. سياسي ڌڙن ۽ فسادن کان پري رهن. ان کان سواءِ سندن دليون ڪيني ۽ حسد کان پاڪ هجن. زياده تر کين ٽيڪنيڪل ۽ نئي تعليم ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي.

## شاه ڀٽائي

شاه عبداللطيف ڀٽائي بابت سندن چوڻ آهي ته شاه سائين جو شعر محبت، خلوص، ٻڌي، وڏي ننڍي جي عزت سيکاري ٿو. شاه جو ڪلام اسان لاءِ هڪ سکيا آهي. کين شاه عبداللطيف جي بيت جون هي سٽون وڌيڪ پسند آهن.

ماڻهون سڀ نه سهڻا- پکي سڀ نه هنجهه
ڪنهن ڪنهن ماڻهون منجهه- اچي بوءِ
بهار جي
(شاه)

## هاري

سنڌ جي آبادڪارن کي سندن فلاح ۽ بهبود لاءِ هڪ يونين ٺاهڻ گهرجي جنهن کي پنهنجي مسئلن کي راهي طرح سان نبيري سگهن. هارين کي گهرجي ته پنهنجي پيدائش کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻ جي طريقن موجب

پنهنجي آبادي کي سڌاري ۽ عوامي حڪومت جي جاري ڪيل زرعي اصلاحات مان پورو فائدو حاصل ڪن. جيئن ملڪ جو هي طبقو اڳتي هلي وڌيڪ زندگي کي خوشحال بڻائي.

# سردار محمد بخش خان ناريجو



سردار محمد بخش خان ناريجو ولد خانصاحب الحاج
غلام قادر ناريجو جن سال ١٩٣٥ع ۾ سانگهڙ ۾ پيدا ٿيا،
سردار محمد بخش خان ابتدائي تعليم ايم- جي- وي مان ۾

جي خدمت ڪئي تارو پوڙ دوران بہ پوڙ جي ستايلن جي ڪافي امداد ڪئي.

سانگهڙ سهتزنس ڪلب جا پاڻ صدر آهن ۽ هن ڪلب کي سندن ڪافي مالي مدد ڏنل آهي.

ٽالپر صاحب جن خوش اخلاق ملنسار، گفتار جا حليم ۽ رحمدل انسان آهن، پاڻ ڪمترن ئي تعليمي ادارن ۽ غريب شاگردن جون هر وقت مددون ڪندا رهن ٿا، ۽ اهڙا ڪم مومن هميشه ياد رهندا.

## شاگرد

شاگرد کي مخاطب ٿيندي ٽالپر صاحب جن چيو ته آهي ته شاگردن کي گهرجي تہ پنهنجو سمورو ڌيان تعليم تي صرف ڪن.

استادن وڏن جي عزت، ماٽن جي فرمانبرداري ڪرڻ سان ئي هو پنهنجي اصل مقصد ۽ منزل مقصود تي پهچي سگهن ٿا.

## هاري:

جيئن تہ ٽالپر صاحب کي زراعت ۾ ڪافي چاهه آهي پاڻ الپر فارمر ليڊر ايڪسچينج پروگرام تحت آمريڪا ويا جتان زراعت جي جديد تجربن سان ڪافي متاثر ٿيا، ۽ هاري کي مخاطب ٿيندي سندن چوڻ آهي تہ، هاري وڌيڪ محنت ڪري ۽ ان اپائي ۽ پاڻ توڙي ملڪ خوشحال رهي، عوامي حڪومت جي زرعي اصلاحات تي عمل ڪري اسان جي هاري کي کپي تہ هو جديد نمي زرعي اوزارن تحت آبادي ڪن.

## شاهہ پناڻي

شاهه پناڻي سائين بابت ٽالپر صاحب جن جو چوڻ

آهي ته شاهه جو رسالو نصيحت آموز آهي ۽ اهو رسالو قومي سرمايو آهن. اهڙيون شخصيون وري ورلي پيدا ٿين ٿيون.

ڪين ڀٽائي ڀلاري جو هي بيت وڏيڪ پسند آهي.

جي تو بيت ڀانيا ـ سي آيتون آهن،
نيو من لائين ـ پريان سندي پار ڏي.
(شاهه)

# حاجي نجم الدين سريوال (لغاري بلوچ)



حاجي نجم الدين ولد حاجي فتح محمد سال ۱۹۲۲ ۾ ڳوٺ ماڙڪ لغاري ۾ پيدا ٿيا ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ (گلاب لغاري) تنهن کان پوءِ ٽنڊو باگو ۽ ۱۹۳۷ ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي تنهن پنهنجي آبائي پيشي زميندار ي ۾ لڳي ويا.

## سماجي ڪم

جيئن ته پاڻ زميندار هئڻ جي باوجود هڪ سٺا سماجي ڪارڪن به آهن ۽ پاڻ هميشه سماجي ڪمن ۾ وڌيچڙهي حصو ورتو انهن ماتلي هاءِ اسڪول جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ پاڻ ۲۵ هزار رپيا چندو ڏنائون ۽ ماتلي ۾ هڪ ايجوڪيشنل سوسائٽي جنهن ۾ پاڻ خزانچي هئا ۱۹۵۶ ۾ حاجي صاحب جن جڏهن وزير صنعت ۽ ڪامرس ٿيا تڏهن هن ماتلي هاءِ اسڪول لاءِ ۷۰ هزار رپيه چندو ڏنو جنهن مان ماتلي هاءِ اسڪول جي موجوده هاسٽل ٺهي ۽ ماتلي هاءِ اسڪول

ڊسٽرڪٽ لوڪل ڪائونسل جا ميمبر ٿيڻ کان پوءِ ۱۹۵۲ ۾ حيدرآباد ميونسپالٽي جا ميمبر ۽ ۱۹۵۳ ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ۱۹۵۴ ۾ ٻاهر وزير ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ٿيا ۱۹۵۶ ۾ ٻاهر وزير انڊسٽريز ڪامرس ۽ فارسٽ ٿيا.

# جناب پير آفتاب حسين شاهه جيلاني
# ولد پير غلام رسول شاهه صاحب جيلاني



پير آفتاب حسين شاهه صاحب جن ۱۴ نومبر ۱۹۴۶ع ۾ ميرپورخاص ۾ تولد ٿيا.

شروعاتي تعليم ميرپورخاص مشترڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ سال ۱۹۶۲ع ۾ ڪيائون.

ايگريڪلچرل ڪاليج ٽنڊوڄام مان بي ايس سي آنرز ۽ ايم ايس سي آنرز ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪاروبار ۽ زمينداري ٻنهي کي سنڀالڻ لڳا.

اسڪول جي زماني کان وٺي پير صاحب کي راندين جو ڏاڍو شوق هو ۽ اهوئي سبب آهي جو اسڪول جي زماني کان يونيورسٽي تعليم تائين ڪرڪيٽ ٽيمن جا ڪپتان ٿيندا رهيا آهن ۽ قائداعظم ٽرافي ايوب ٽرافي انهن کان سواءِ ولراپ ٽرافي به حاصل ڪئي اٿن.

عالم ۾ پهچائڻ گهرجي- شاهه جو پيغام هڪ بين الاقوامي پيغام آهي جنهن لاءِ خود شاهه فرمايو آهي ته:

سائين ۾ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

# جناب قاضي محمد اڪبر



جناب قاضي اڪبر صاحب جن ۱۹۱۱ ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ سيوهڻ شريف ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم ڳوٺان ڏيڻ بعد قاضي اڪبر اسڪول مان (جيڪو سندن نالي سان منسوب آهي) ۽ ۱۹۲٦ ۾ مشترڪ سنڌ مدرسة السلام ڪراچي مان پاس ڪئي، انٽرعلي ڳڙه مان ڪري ڪان پوءِ حيدرآباد ۾ هڪ ميڊيڪل اسڪول هوندو هو اتي ۴ سالن ۾ ميڊيڪل ڪورس ڪيو. پاڻ ٦ مهينا فارسي ۽ حڪمت ۽ عربي مولانا محمد صادق کڏي واري وٽ پڙهائيا الهيءَ مدرسه جنهن ۾ پاڻ پڙهيا ان جو نالو مدرسه مظاهرالعلوم هو. الهيءَ وقت اهو مشهور هو ۽ شاگرد ڪيئي ديني تعليم ڏياري وڃي.

سندن والد صاحب قاضي عبدالقيوم جن ۾ پنهنجي وقت جا هڪ سٺا سماجي ڪارڪن ٿي گذريا آهن سندن نالي تي حيدرآباد جو مشهور و معروف روڊ قاضي عبدالقيوم

چوڻ آهي تہ پاڻ سنڌ ۽ پاڪستان جي ڀلائي لاءِ هميشه خدمت ڪندا رهندا.

## شاگرد

شاگرد کي مخاطب ٿيندي قاضي صاحب جن جو چوڻ آهي تہ هو ڪشمڪش ۽ جدوجهد جي دنيا ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ صحيح معني ۾ علم حاصل ڪن، جنهن شعبي سان سندن تعلق هجي ان ۾ مهارت حاصل ڪن ۽ تعليمي ميدان ۾ ڪامياب ٿين. انتشار ۽ گروه بندين کان پاسو ڪرڻ کپي. تعليم دوران عملي سياست کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

## شاه ڀٽائي

شاه صاحب بابت قاضي صاحب جو چوڻ آهي تہ لطيف سائين پنهنجي شعر ۾ شاعرانہ صلاحيتون ڪم آڻيندي دنيا کي امن، اخوت ۽ حب الوطني جي جذبہ روحانيت ۽ خدا سان لڳاءُ جو پيغام ڏنو آهي شاه سائين سنڌ جي ذري ذري کي ساراهيو آهي ۽ ان سان گڏ مالڪ حقيقي سان رهاڻ بہ رٿل آهي. ڪيئن شاه جو هي بيت وڌيڪ پسند آهي.

ڪنڌي ايئون ڪيترئون- ستا هڻ ساهڻ ڪن
ڪيئن سانگو ساه جو- ڪي گهوريس ڪي گهوڙن
ساهڻ سندو تن- سر سهائي جي گهوڙن
(شاه)

## هاري:

هاري بابت قاضي صاحب جو چوڻ آهي تہ ملڪ جي خوشحالي لاءِ اسان جي هاري کي وڌيڪ محنت ڪندي زراعت جي جديد اصولن تحت آبادي ڪرڻ گهرجي ۽ صوبائي حڪومت آبادگارن کي ڪيترين ئي سهوليتون

ڏنيون آهن جن مان ڪين فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.

قاضي صاحب جن نيشنل گارڊ جا سالار اعليٰ هئڻ کان سواءِ وزير تعليم سنڌ، ڪنٽونمينٽ بورڊ حيدرآباد جا صدر به رهي چڪا آهن.

## شاھ پڙاڳي

سائين بابت چانڊيہ صاحب جو چوڻ آهي ته شاهه سائين دنيا جا عظيم شاعر آهن سندن شعر کي دنيا جي سڀني ٻولين ۾ ترجمو ڪري وڃي ته بهتر ٿيندو ۽ دنياکي هن عظيم هستي بابت ڄاڻ ٿيندي کين هي شعر وڌيڪ پسند آهي.

ستا اٿي جاڳـــ ننڊ نه ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳـــ ننڊن ڪندي نه ملي
(شاھ)

ڀٽائي ڀلاري بابت رلڊ صاحب جو چوڻ آهي ته ڀٽائي ڀلارو جنهن جو شعر هڪ لاجواب ۽ بي بها آهي سندس شعر ۾ عجز، نياز، لوڙت ۽ سڪا جو سمنڊ اٿيل آهي. شاهه جو شعر انهيءَ حقيقي مالڪ (الله تعاليٰ) جي حڪمن لي هارڻ لاءِ تلقين ڪيو ڪري. ڪهن ڀٽائي ڀلاري جو هي شعر وڏيڪ پسند آهي.

وڃو وجودان ڏکري ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
اڄو ائر ڀري ڪي نرمو هٿ حبيب جو.

(شاهه)

# جناب معشوق علي ڀٽو



جناب معشوق علي ڀٽو ولد نبي بخش خان ڀٽو جن ١٠ مارچ ١٩٣٢ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ سردار مير بخش ڀٽي ضلع لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم علي ڳڙهه سوري مان جونيئر ڪيمبرج ۽ مئٽرڪ ١٩٥٠ع ۾ سينٽ ڪرسٽو فرس ڪاليج لنڊن مان ڪئي.

ڀٽي صاحب جن جو چوڻ آهي ته کين زراعت سان لڳاءُ هو تنهن ڪري هاڻ لنڊن جي رائل ايگريڪلچرل ڪاليج مان ٣ سالن جو ڊپلوما ڪيو تنهن بعد روم ۾ اينيمل هسبينڊري جو اسپيشل ڪورس ڪيو. ١٩٥٦ ۾ واپس وطن آيا ۽ هتي اچڻ کان پوءِ پنهنجي زمين کي زراعت جي جديد طريقن سان سڌارڻ لڳا ۽ هڪ فارم لالي اسٽاڪ ڪنٽرول فارم ٺاهيو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف نسلن جو

جو هن ملڪ جو ٨٠ سيڪڙو معيشت جو دارو مدار زراعت تي آهي. انهن ڪسان سواءِ هاري ۽ زميندار کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ گهرجي جنهن هي ماحول کي اڳتي هلي صحتمند معاشري کي جنم ڏئي.

**شڪر گذاري:**

ڀٽائي ڀلاري بابت منهنجو چوڻ آهي ته شاهه جي شاعري جهڙي عبارت اسان جي ماحول لاءِ آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو شاهه جي شاعري جو اسان تي گهڻو اثر آهي. اسان تي خدا تعاليٰ مهرباني ڪئي جو ڀٽائي صاحب هتي پيدا ٿيو شاهه جو رسالو سبب آهي.

شاهه صاحب جهڙو هر لحاظ کان ڪامل شاعر فلاسفر ۽ مفڪر آهي. جنهنڪري شاهه جي رسالي جي لغت ترتيب ڏني وڃي ته جيئن اسين شاهه سائين جي ڪلام کي وڌيڪ سمجهي سگهون ۽ پرکون.

# جناب الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه



سائين غلام مصطفيٰ شاهه ولد سيد غلام علي شاهه صاحب جن ڪنهن به تعارف جا محتاج نه آهن سندن علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون هميشه ياد رهنديون ۽ سندن ڪيل ڪارناما ياد رهندا.

هي عظيم شخص ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۱۸ع پنهنجي آبائي ڳوٺ حاجي قادر ڏنو شاهه ضلع ٺٽي ۾ پيدا ٿيا ابتدائي تعليم ڳوٺ راهوٽ ميرپور بٺوري مان. تنهن بعد سجاول مڊل اسڪول ۽ ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي مان ميٽرڪ ڪئي ۽ ميٽرڪس ۾ سنڌ مان پهريان نمبر آيا.

انٽر ڊي. سنڌ ڪاليج ۽ بي اي سال ۱۹۴۱ع ۾ علي ڳڙهه مان پاس ڪئي ۱۹۴۳ع ۾ ايم. اي پولٽيڪل سائنس ۽ ايل. ايل. بي به علي ڳڙهه مان ڪئي. سندن چوڻ آهي ته تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ سندن ارادو وڪالت ڪرڻ جو هو پر پوءِ پاڻ ۱۹۴۳ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ پروفيسر ٿيا ۽ ۱۹۴۳ع ۾ پاڻ هڪ ڪتاب نالي جيڪو انگريزي ۾ هو سو لکيو.

توڪل، نهٺائي، صبر، حلم، علم ۽ شرافت آهي. شاهه ڀٽائي پڙهايو آهي ته قرباني ڇا آهي ۽ انسان جو هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد ڪهڙو ۽ ڇا آهي. شاهه سائين جي ڪلام ۾ فلسفو آهي. ڪهن شاهه ڀٽائي جو هي بيت وڏو پسند آهي.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين
(شاهه)

سيد غلام مصطفيٰ شاهه جن ۱۹٦۵ع ۾ ڊائريڪٽر تعليم ۱۹٦۹ع ۾ وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ۽ ۱۹۷۲ع ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جا چيئرمين ٿيا. وري ۱۹۷۳ع ۾ ٻئي ڏهعي سنڌ يونيورسٽي جا وائيس چانسلر ٿيا جتان ۱۹۷۴ع ۾ استعفا ڏني.

# جناب اي- ڪي بروهي صاحب



جناب الهه بخش والد ڪريم بخش خان بروهي جن جو شمار دنيا جي لاهور قانوندانن ۽ فلاسفرن ۾ ٿئي ٿو. جناب اي ڪي بروهي صاحب جن ١٩١٥ع ۾ ڳڙهي ياسين ۾ پيدا ٿيا ١٩٣٣ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي مان مئٽرڪ پاس ڪئي. ١٩٣٧ ۾ ڊي- جي- سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي- اي پاس ڪئي. ١٩٣٩ع ۾ ايم- اي فلاسافي ۾ ڪئي ايل- ايل- بي ڪرڻ بعد وڪالت ڪرڻ لڳا. جيئن ته بروهي صاحب جن جو چوڻ آهي ته علامه آءِ. آءِ. قاضي

پروهي صاحب کي هي ٻه ت وڏيڪ پسند آهن.

(١) منهن جهڙن جي منهن. جنهن ڏٺو منهن منهار جو
سو الم ساهه سڻون. آئون ڪٿن گهڙو گهوريان

(٢) گهڙو پکو تان گهوريو. پاڻان هو حجاب
واجهت وجي وجود ۾. رهيو روح رباب
ساهڙي ري ثواب. آئون گهٽوئي گهوريان

# پروفيسر سائين قاضي احمد محمد صاحب



جڏهن آئون لا ڪاليج ۾ داخل ٿيس ته مون کي هڪ اهڙي شخصيت ملي جنهن جي قيمتي گفتار منهنجي روح کي گرفتار ڪيو ۽ اڄ آئون منهنجي مشفق استاد بابت قلم هٿ ۾ کڻي رهيو آهيان.

جناب قاضي صاحب جن پنهنجي آبائي ڳوٺ ڏيپلي ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم، سيڪنڊري تعليم ۽ بي. اي پاس ڪرڻ کان پوءِ ١٩٤٣ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان ايم. اي ڪئي. ١٩٥٣ع ۾ ايم. ايڊ لنڊن مان پاس ڪئي تنهن کان سواءِ ايل. ايل. بي به پاس ڪيائون تنهن بعد ١٩٤٠ع ۾ اسڪول جي استاد جي حيثيت سان پڙهائڻ لڳا.

## سماجي ڪم:-

قاضي صاحب جن کي سماجي ڪمن سان هميشه چاهه رهيو آهي. ١٩٦٥ع جي لڙائي ۾ سٺي ڪم ڪرڻ ڪري ڪمن حسن ڪارڪردگي جو تمغ ڏنو ويو انهن کان سواءِ قاضي صاحب جن ڪيترائي اسڪول جن ۾ هاءِ اسڪول شامل آهن ٿر ۾ انهن جي بنا ڪرڻ ۾ سندن وڏو هٿ آهي، انهن کان سواءِ حيدرآباد سنڌ لا ڪاليج جي باني ميمبرن مان هڪ آهن انهن کان سواءِ ڪيترن ئي تعليمي ادارن سان سندن گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي جن ۾ ريما سائنس ايجوڪيشنل سوسائٽي سٽي آرٽس ڪاليج حيدرآباد ايس. ڪي رحيم هاءِ اسڪول، سنڌ ڪامرس ڪاليج سچل آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج، جناح لا ڪاليج ۽ انجمن. حمايت السلام حيدرآباد قابل ذڪر آهن.

انهن کان سواءِ ڪيترن ئي اخبارن سان سندن واسطو رهيو آهي ۽ ڪيترائي ڪتاب به لکيا اٿن.

## اخبارون:

سنڌي اخبار اصلاح دي مسلم اسٽوڊنٽ جا نالا قابل ذڪر آهن.

## ڪتاب:

(١) اسٽڊيز ان ايجوڪيشن (٢) ميلاءِ مصطفيٰ جا نالا قابل ذڪر آهن.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي جناب قاضي صاحب جن جو چوڻ آهي. ته اڄ جي شاگرد کي اهو سمجهڻ گهرجي ته هن کي ايندي جو ابو ٿي رهڻو آهي. انهيڪري پنهنجو

سمورو وقت تعليم جي تياري ۾ صرف ڪري ڇڏين ٿو چاهي ته سندس مستقبل سنواري ته ڪيس پنهنجي حياتي جي نصب العين کي سمجهڻ گهرجي ته سندس حقيقي ترقي علم حاصل ڪرڻ سان ٿيندي. دنيا ۾ زندگي جي هر شعبي ۾ ڪشمڪش ڇڪتاڻ ۽ ڇنا ڇني لڳي پئي آهي اهڙين حالتن ۾ سندس برقراريت ڪيس پاڻ ۾ قابليت ۽ صلاحيت پيدا ڪرڻ سان رهندي.

## شاهه پناهي:

شاهه پناهي بابت قاضي صاحب جن جو چوڻ آهي ته شاهه صاحب اهڙا جامع شخصيت آهي جنهن جون ڪل قابليتون، صلاحيتون نورالاهي سان منور آهن سندن شخصيت جو بيان هن بيت ۾ شامل آهي.

جوڳيئڙا هن جهان ۾ ڪي نوري ڪي ناري
پري جن پاري - آهل آئون ته رهان اُن ريءَ
(شاهه)

شاهه صاحب جن فرمائين ٿا ته:

پڇڻ گهڻا پڇائيا - تون پڇڻ کي پڇاءِ
(شاهه)

شاهه سائين جو ڪين هي بيت وڌيڪ پسند آهي.

سرجي ٿان سور ٿيا - ساماڻي ٿان سک، ويا
اهي پئي پور - لماڻي نصيب ٿيا
(شاهه)

جناب قاضي صاحب جن هميشه حيدرآباد سنڌ لا ڪاليج جا پرنسپال آهن ۽ ڪين مليل خدا داد علمي

صلاحيتن سان ايل- ايل- بي جي شاگردن کي نوازي رهيا آهن.

قاضي صاحب جن هميشه غريب شاگردن جي مالي مدد پنهنجي هٿان ڪندا رهن ٿا.

انهن کان سواءِ سندن قربائتي ڪچهري ۽ نصيحتن جو جواب ڪونهي.

طرز تي ٺهيل آهي ۽ گل وغيره لڳائڻ ۾ به خواجه صاحب جو هٿ هو. خواجه صاحب جو چوڻ آهي ته مون سوچيو هو ته هن اسڪول (نوابشاهه هاءِ اسڪول) ۾ سڄي عمر گذاريندس.

هن پنهنجي قبر لاءِ به اتي جاءِ رکي ڇڏي آهي. هن اسڪول ۾ هيڻن شاگردن لاءِ فنڊ قائم ڪيائون جنهن ٦٥٠٠٠ هزار رپيا جمع ٿيا انهن ڪلاسواءِ نوابشاهه ۾ پرائمري ۽ گرلز اسڪول کولڻ ۾ به خواجه صاحب جو وڏو هٿ هو.

## شاگرد

شاگردن کي مخاطب ٿيندي خواجه صاحب جو چوڻ آهي ته اسان جي شاگردن ۾ هرش گهٽ ۽ جوش وڌيڪ آهي جنڪري هو اڄ جو شاگرد نظم و ضبط ۾ رهيو ۽ محنت ڪش نه ٿيو ته سندن مستقبل مايوس ڪن ٿيندو ۽ تعليم کي محنت ۽ سخت پورهئي سان ڪارگر بڻائڻ گهرجي.

## شاهه ڀٽائي

خواجه صاحب جو چوڻ آهي ته سنڌ شاهه ۽ شاهه سنڌ آهي ڀٽائي گهوٽ سنڌي ٻولي کي زنده ڪيو آهي ۽ اعليٰ مرتبو ڏياريو آهي اسان جي ترقي جو راز ان لفظن ۾ سمايل آهي.

سنڌ اتي جاڳيا لعل نه ڪڇي اتري
سلطاني سهاڳ، لعلن ڪندي نه ملي.
(شاهه)

شاهه سائين صلح، سلامتي، امن امان ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي. صبر ۽ محنت سان پنهنجي منزل مقصود تائين پهچڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهه دنيا جي عظيم شاعرن

مان هڪ آهي سندس زندگي ۾ طمع نه لالچ، نه ضد نه
شڪوه شڪايت نه خود غرضي ۽ نه نه مڪاري جيڪڏهن
اسين شاه صاحب جي ڏسيل نقش قدم ۽ آدرش زندگي
کي پنهنجو نصب العين بڻائينداسون ته اسين ضرور ڪامياب
ٿينداسون ۽ هڪ نئون ماحول پيدا ڪنداسون جيڪو
نفرت، نياز، محبت، شرافت سان مالا مال هوندو. خواجه
صاحب هينئر بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ۾ چيئرمين
آهن، پنهنجي نوراني ۽ محبت سان الهيءَ مقصد کي
ڪاميابي سان هلائي رهيا آهن.

# سائين الهه بخش خان نظاماڻي



مشهور محترم ۽ شفيق استاد جناب سائين الهه بخش خان نظاماڻي ولد محمود خان نظاماڻي جن جو جنم سال ١٩٠٥ع ۾ ڳوٺ ٽري ۾ ٿيو. سندن والد پنهنجي تر جا با اثر زميندار هئا. نظاماڻي صاحب جن کي ننڍي هوندي کان وٺي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺان سيڪنڊري تعليم، نورو مدرسه، نوشهرو ۽ مدرسه ۽ سنڌ مدرسه ڪراچي مان حاصل ڪئي.

فرمانبرداري سنڌس لاءِ لازمي آهي. ڪنهن سٺو وقت تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڏيڻ گهرجي.

شاهه ڀٽائي:

نظاماڻي صاحب جو چوڻ آهي ته شاهه سائين جو رسالو جيڪڏهن صحيح جو ڪٿي الڪي دل لائي پڙهي ته گهڻو نه پهچندو، شاهه سائين سر ڪلياڻ ۾ فرمايو آهي ته

اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم

۽ حقيقت ۾ سنڌي زبان کي گراءِ ڀٽائي صاحب ڏنو.

نظاماڻي صاحب جو چوڻ آهي ته ڀٽائي جي عرس جي موقعي تي جنرل هاڻبڪي ٿيڻ کپي.

نظاماڻي صاحب جن شاهه لطيف لٽريري سوسائٽي جا سيڪريٽري آهن ۽ ان کان سواءِ سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ حيدرآباد جا ميمبر آهن.

## شاهه پڙائي:

شاهه صاحب بابت جعفري صاحب جو چوڻ آهي ته شاهه جي شعر جو اثر سنڌ جي هر طبقي جي ماڻهن تي آهي. جيڪڏهن شاهه جي ڪلام کي پڙهي دل سان هنڊايو وڃي ته هوند اسان جو مستقبل ۽ زندگي ٺهي وڃي جعفري صاحب جو معمول آهي ته صبح جو روزانه هي بيت دعا طور پڙهن ٿا.

(١) ڪوڙ ڪمائي ڪچ - پڄم عبد الله جا،
(٢) جنڊو ٺهڪيو ڏان - پاڄها ٻه اوڏيائي مڱان،
(٣) تون سپڙ آئون سڪڙو - تون اڏالار آئون ڏوه.

# محترم آپا شمس عباسي صاحبه



آپا شمس عباسي صاحبه جن جو جنم ۱۰ جنوري سال ۱۹۲۵ع ۾ ٿيو. سندن والد صاحب قاضي عبدالقيوم جن پنهنجي وقت جا عالم ٿي گذريا آهن. آپا جن ابتدائي تعليم گدواڻي اسڪول (حيدرآباد) ۽ سيڪنڊري تعليم ڪندن مل گرلز اسڪول (موجوده جامع عربيه هائي اسڪول حيدرآباد) مان حاصل ڪئي. ۱۹۳۹ع ۾ ميٽرڪ ۽ ۱۹۴۳ع ۾ بي. اي پاس ڪرڻ کان پوءِ مدرسة البنات ۾ اسسٽنٽ مسٽريس مقرر ٿيون، بي. ٽي ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ گرلز هائي اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس ٿيون ۱۹۵۵ع ۾ ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ پرنسپال مقرر ٿيون. ۱۹۷۰ع کان پوءِ کين ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ايڪسٽنشن ڪريڪولم بيورو مقرر ڪيو ويو. ۱۹۷۲ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر

شاهه جي ڪلام ۾ روحاني راز سمايل آهي جيڪڏهن انهن کي پڙهجي ته اهو يقين ٿي ويندو ته اسان جي نجات جو ذريعو علم خدمت خلق ۽ اتفاق آهي. اهڙا جن کي هي بهتر وڌيڪ پسند آهي.

سٽا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.
(شاه)

سندن چوڻ آهي ته هن بيت ۾ پنهنجي پيارن ڪاهلي ۽ سستي ڇڏڻ لاءِ تلقين ٿيو ڪري. هن دنيا ۾ جدوجهد ڪرڻ سان آخرت جون آسائشون نصيب ٿينديون.

# ڊاڪٽر حميده کهڙو



ڊاڪٽر حميده کهڙو جن ۱۳ آگسٽ ۱۹۳۴ ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ عاقل ضلع لاڙڪاڻه ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر صاحبه جن پنهنجي تعليم ڪراچي ۾ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سال ۱۹۵۷ ۾ لنڊن جي ڪيمبرج يونيورسٽي مان بي. اي آنرس ڪئي. ان کان پوءِ پاڻ لنڊن يونيورسٽي مان پي. ايڇ.ڊي هسٽري ۾ ڪيائون. تنهن بعد ۱۹۶۶ ۾ واپس وطن موٽي اچڻ کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ ليڪچرر ٿيون. ۱۹۶۸ ۾ سينٽ مان جنرل اسيمبلي (اقوام متحده) ۾ هڪ وفد ويو جنهن جي اڳواڻي ڊاڪٽر حميده جن ڪئي. ۱۹۶۹ ۾ فيلوشپ لاءِ آڪسفورڊ ويون ۽ ۱۹۷۳ ۾ اتان موٽي آيون.

**شاگرد:**

شاگرد کي مخاطب ٿيندي سندن چوڻ آهي ته شاگرد کي گهرجي ته هو پنهنجو سمورو ڌيان تعليم ڏانهن رجوع ڪري. جيڪا نئين ۽ ٽيڪنيڪل هجي. تعليم جي

جنهن شعبي سان سنڌ جو تعلق هجي تنهن ۾ هو ڀاڱ ڪي اڳڀرو ڪن. ان ڪانسواءِ اسان جي نياڻين کي گهرجي ته هو تعليم پرائين ۽ تعليم ڪاني ۾ شامل ٿي ملڪ جي عورتن کي تعليم جي زيور سان سينگارين ۽ علم جي روشني کان روشناس ڪرائين.

## شاه پڙاڏي

شاه عبداللطيف بابت ڊاڪٽر حميده کهڙو جن جو چوڻ آهي ته شاه سائين دنيا جي صوفي شاعرن ۾ اول درجي جا شاعر آهن سندن شعر ۾ تصوف، فلسفو ۽ انسانيت لاءِ پيار ۽ خلوص آهي. کين شاه جو هي بيت ڏاڍو پسند آهي.

ولر ڪيو وڃن، پريت نه ڇنن پاڻ ۾
ڏسو پکيئڙن، ماڻهو! اِءَ مت گهڻي
(شاه)

ڊاڪٽر حميده کهڙو جن هميشه سنڌ يونيورسٽي سان وابسته آهن ۽ تاريخ جي شعبي ۾ پروفيسر آهن.

# جناب سائين ٽرمداس ورياڻي



منهنجي عربي استاد جناب سائين ورياڻي صاحب جن جو جنم ١٣ جولاءِ ١٩١٣ع ۾ اوٻاوڙي شهر ضلع سکر ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺان ۽ مئٽرڪ سکر ميونسپل هاءِ اسڪول مان ١٩٣١ع ۾ ڪيائين.

١٩٣٥ع ۾ ڊي اي جي ڪاليج سنڌ ڪراچي مان فارسي ۾ بي اي آنرس ڪئي. جيئن ته ورياڻي صاحب جن کي تعليم و تدريس سان دلچسپي هئي تنهن ڪري پاڻ ڪي. سي اڪيڊمي پڊيا ۾ استاد جي حيثيت سان مقرر ٿيا ۽ ١٩٣٨ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ استاد جي حيثيت سان داخل ٿيا. پاڻ ٣٠ سال علم جي خدمت ڪندا رهيا ۽ شاگردن کي پنهنجي علم سان نوازيندا رهيا. ١٩٦٩ع

هوندو آهي ته شاهه جو رسالو پڙهي ٿو ته ڪم ۽ ڪوندر دور ٿيو وڃن. رسالي جا سڀ سر ماڻڪ ۽ موتي آهن جيڪي پڙهڻ رتان آهن. ورياڻي صاحب کي شاهه سائين جو هي بيت وڏيڪ پسند آهي.

جي لائي نه لهن، ته پڻ وري لائيج
آسرو م لاهيج، سڄڻ سياجهيندءِ گهڻو

# جناب سائين پريداس امر



لا ڪاليج جي استاد جي حيثيت سان جناب امر صاحب کي وساري نٿو سگھجي.

جناب امر صاحب جن ١٤ مارچ ١٩٣٣ع تي ديوان مسڪنداس جي گهر ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم مٺي-هاءِ اسڪول بي اي آنرز ١٩٥٥ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي ١٩٥٧ ۾ ايل ايل بي فرسٽ ڪلاس ٽاپ تي ڪئي جنهن تي کين گولڊ ميڊل مليو.

## سماجي ڪم:

امر صاحب جن حيدرآباد سنڌ هندو پنچائت جي گورننگ بورڊ جا ڊائريڪٽر آهن ۽ ڪيترن ئي غريب شاگردن سان همدرديون ۽ مالي مدديون ڪيون اٿن. سنڌين ڇوڪر

امر صاحب کي شاھ سائين جو ھي بيت ڏاڍو پسند آھي.

الله اچن اڄ. جن آئي من سرھو ٿئي.
(شاھ)

چاڪاڻ جو ھن بيت سان سندس محبوب استاد احمد خان ھالائي جون يادون وابسته آھن.

# جناب قاضي محمد اعظم صاحب



قاضي صاحب جن ۲۰ آڪٽوبر ۱۹۳۰ع ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب جو شمار سنڌ جي بزرگن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ ابتدائي تعليم ميان علي بخش پرائمري اسڪول حيدرآباد ۽ مئٽرڪ نورمحمد هاءِ اسڪول مان ۱۹۴۶ع ۾ ڪئي.

۱۹۵۰ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان بي. اي ۽ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ۱۹۵۲ع ۾ ايل ايل بي ڪئي.

## سماجي ڪم:

۱۹۴۶ع ۾ نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌ مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن جا صدر ٿيا. لطيف آرٽ سرڪل ڪراچي

جا سيڪريٽري ٿيا. ڪچي قلع حيدرآباد ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيائون.

حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽي جي ورڪس ڪاميٽي جا چيئرمين ٿيا. انهيءَ دوران ڪميٽين يونين ڪميٽين ۾ غازي آباد ۽ عابد آباد جي رهواسين کي مالڪاڻا حقوق نه هئا جنهن ڪري انهن حقوق ڏيارڻ ۾ قاضي صاحب جن ڪافي جدوجهد ڪئي.

تنهن کان سواءِ الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۽ ٽيون نمبر ٽلاءَ ۾ ڊولپمينٽ لاءِ ڪافي ڀاڱو ورتائون. ١٩٦٨ع ۾ ڪامن ويلٿ ۾ پاڪستاني وفد (پارليامينٽري معاملا) سان شرڪت ڪئي.

## شاگرد:

قاضي محمد اعظم صاحب جن جو چوڻ آهي ته اسان جي شاگرد ڀائرن کي گهرجي ته هو ڀرپور نموني ڌيان تعليم ڏانهن ڏين.

چوڻ ته تعليم سان گڏ هڪ سٺو شهري بڻجڻ ۾ مدد ملي ٿي. تنهن کان سواءِ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ- بهرطور اهي سماجي سرگرميون شاگرد برادريءَ جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ هجن.

## شاهه پڙائي:

پٽ جي گهوٽ جو رسالو قرآني نصيحت آهي. جنهن لاءِ شاهه سائين ڀاڱ فرمايو آهي ته-

جي تو ڀيت ڀانئيا سي آيتون آهن،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.
(شاهه)

سندن چوڻ آهي ته، جڏهن روح کي ڪا تڪليف رسي ٿي ته شاهه جو رسالو کوليو ٿو ته جيڪي تڪليفون آهن سي دور ٿي وڃن ٿيون.

قاضي اعظم صاحب صوبائي اسيمبلي جا ممبر به رهي چڪا آهن. تنهن کان سواءِ سندن شمار سنڌ جي برک وڪيلن ۾ ٿئي ٿو.

# جناب غلام مصطفيٰ پرگڙي

جناب غلام مصطفيٰ پرگڙي ولد رئيس غلام محمد خان پرگڙي جن ۷ جنوري ۱۹۱۳ع ۾ حيدرآباد ۾ پيدا ٿيا.

پرائمري تعليم ڏينگاڻ پرگڙي، نور محمد هاءِ اسڪول ۽ لارنس مدرسه مان ميٽرڪ ڪئي.

۱۹۲۹ع ۾ سينئر ڪيمبرج ڊيرادون مان ڪئي. پرگڙي خاندان هميشه سنڌ ۾ سماجي ڪمن ۾ سڀ کان اڳڀرو رهيو آهي.

رئيس غلام محمد خان پرگڙي جن جا ڪيل ڪارناما هميشه ياد رهندا.

## سماجي ڪم

جناب غلام مصطفيٰ پرگڙي جن تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو آهي.

پاڻ پنهنجي زمين جا ۴۰۰ (چار سو) ايڪڙ ڏينگاڻ پرگڙي هاءِ اسڪول لاءِ وقف ڪيا آهن. ۽ انهي هاءِ اسڪول ۾ هڪ بورڊنگ هائوس به سندن ٺهرايل آهي جتي ڪيترائي شاگرد رهي تعليم پرائين ٿا.

تنهن کانسواءِ پاڻ ڪيترن ئي شاگردن جي مالي طرح سان مدد ڪندا رهيا آهن.

## شاگرد:

شاگرد کي مخاطب ٿيندي پرگڙي صاحب جن جــو

چوڻ آهي تہ صحيح تعليم ڏيارڻ ۾ شاگرد کي ڪا باقي ڪسر نہ ڇڏڻ گهرجي.

شاگرد کي گهرجي تہ هو پنهنجو ڀورو ڌيان تعليم تي ڏئي ۽ سمجهي گهڻو ڪري ڏئي تعليم طرف ڌيان گهرجي .

هن تعليم ڏيارڻ سان اسان جي سنڌ کي فائدو ۽ اسان جي ملڪ پاڪستان لاءِ ڀلو آهي.

## شاهہ ڀٽائي:

پرنسپل صاحب جو چوڻ آهي تہ جيستائين اسان کي سنڌي زبان ۾ چاڻ نہ آهي تيستائين اسين شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو رسالو سمجهي نہ سگهنداسين .

شاهہ سائين جي رسالي ۾ ماڻهن ۽ الله جي ٻانهپ جي سيني شعبن تي روشني وڌي آهي . ۽ حضور جن جي حديثن کي سنڌي زبان ۾ پيش ڪيو آهي .

شاهہ سائين جو پيغام جامع ۽ هرهڪ ماڻهو سان واسطو رکي ٿو.

پرنسپل صاحب کي شاهہ سائين جو هي بيت نهايت پسند آهي.

سرتيون سڀئي سڄ مٿان ڪا مون سان هلي -
مٿان مري اڄ پنهل ڪارڻ ٿي ۾.

## هاري:

اسان جو هاري پوريائين تمام پٺتي پيل هو مگر هاڻي سندس حالت ڏينهون ڏينهن سڌري رهي آهي ۽ هن کي گهرجي تہ پنهنجي ٻچن کي تعليم ڏياري ۽ پنهنجي هنر ۾ چاهت سان ڪم ڪن .

هاري فقط اڻ پڙهيل طبقي لاءِ مخصوص نہ آهي مگر

اهو ڪم هڪ اڻپڙهيل به ڪري سگهي ٿو مگر ان کان بهتر نموني ۾.

چاڪاڻ ته پڙهيل آبادگار کي جديد زراعت ۽ سندس آلات ۽ طريقن جي وڌيڪ ڄاڻ هوندي آهي تنهنڪري هن لاءِ تعليم هڪ لازم عمل آهي.

اچن، پاڻ هاڻي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ وقت گذاري رهيا آهن.

## شاگرد

شاگرد کي مخاطب ٿيندي مير بنده علي خان جن جو چوڻ آهي ته شاگرد کي اينديءَ وقت جي ناهيندڙ جو لقب ملڻ آهي انهن کري کين پنهنجو اصلي مقام سڃاڻڻ گهرجي ۽ پنهنجي پوري قوت ۽ طاقت تعليم پرائڻ ۾ صرف ڪن پنهنجي والدين، استادن ۽ وڏن جي عزت ڪين ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح سان هو پاڪستان جا سٺا شهري ٿيندا، ڪين ايمانداري سان ملڪ جي بقا لاءِ سٺي اخلاق تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

## پڙهائي:

پڙهائي پلاري بابت مير صاحب جن جو چوڻ آهي ته شاه جي ڪلام ۾ معني رکيل آهي سندس ڪلام پڙهڻ سان تو ته حياتي گذارڻ جي سڌي رستي تي ڪيئن هلي ۽ انسان کي پنهنجي حياتي جاڳائڻ لاءِ چيل آهي ۽ پنهنجي آئيندي تي زور ڏنل آهي. جهڙو سندس مستقبل سان وابسته آهي، پڙهائي پلاري جي ڏنل تعليم تي هلڻ سان اسين سٺو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا ۽ اعتقاد مضبوط ٿيندو، ذهن ۽ حياتي ڪامياب ٿيندي.

## هاري:

هاري بابت مير بنده علي خان جن جو چوڻ آهي ته محنت ڪرڻ ڦل ماڻيو. ڪين سندن ذات لاءِ ۽ قوم لاءِ

محنت ڪرڻ گھرجي، محنت ۾ صرف محنت اسان جي
هاري جو شيوو آهي ۽ محنت ئي هاري جو ٻيو نالو آهي،
محنت سان ئي اسان جو ملڪ پاڪستان ترقي ڪندو آباد
شاداب رهندو.

# جناب ڪنڀاڙ الهه بخش عرف "ٽلڙ خان"



جناب الهه بخش ڪنڀاڙ عرف ٽلڙ خان ولد مير
حاجي غلام محمد خان ڪنڀاڙ ڇهين اپريل ۱۹۳۸ ۾ پنهنجي
آبائي ڳوٺ عارف ڪنڀاڙ تعلقه حالا ضلع حيدرآباد ۾ پيدا
ٿيا. ابتدائي تعليم سيمنٽ پوڙا وينچر هاءِ اسڪول حيدرآباد
مان تنهن بعد نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ميٽرڪ

اساڻي سنڌ جي هستي آهي، شاهه جي شاعري ۾ آيتون، ۽ حديثون اسان کي ملنديون، عجز، انڪسار ۽ نماڻائي ملندي. شاهه جي شاعري اولهي کوه وانگر آهي جنهن جو انت اڄ ڪنهن به نه لڌو آهي.

ڪنهن صاحب کي شاهه سائين جو هي بيت وڌيڪ پسند آهي-

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي
(شاهه)

# جناب حاجي محمد سليمان پنو-



جناب حاجي محمد سليمان پنو صاحب جن ٢٢ سيپٽمبر ١٩١٤ع ۾ سکر ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب محمد اسماعيل خان پنو جو شمار پنھنجي ٻر جي چڱن مڙسن ۽ نيڪ مردن مان آھي.

محمد سليمان خان پنو صاحب جن پرائمري تعليم کان-ميٽرڪ تائين سکر ۾ پڙھيا. تنھن بعد ڊي- جي سنڌ ڪاليج ۽ اين- اي- ڊي ڪاليج ڪراچي ۽ ١٩٣٨ع ۾ لنڊن يونيورسٽي مان انجنيئرنگ جو ڪورس ڪيو. ان بعد پاڻ اسسٽنٽ انجنيئر ٿيا.

پنو صاحب جن ايمانداري ۽ قابليت سان سٺي ترقي ڪئي ۽ ١٩٦٨ع ۾ چيف انجنيئر جي عھدي تان رٽائر ٿيا. پنو صاحب جن پنھنجو وقت عبادت ۽ ياد الاھي ۾ گذاري

پڻ صاحب جن درويش خيالات جا مالڪ آهن ۽ پاڻ ماڻهن جي محبت ٻهتل ٻين فقيرن جي درگاه تي حاضريون ڀريندا آهن. سندن چوڻ ته سڄي پاڪستان جي سڀني ٻين فقيرن جي مزارن جو سندن زيارتون ڪيل آهن. ۽ پاڻ ڪڏهن ڪان سواءِ قومي خدمت ڪرڻ لاءِ هر طرح سان حاضر آهن.

# ملڪ علاوالدين ولد ملڪ نورمحمد خان

## "ٽاڊو احمد خان"

## ڪوهستان



ملڪ صاحب جن ١٩٤٦ع ١ جنوري ۾ ٽاڊي احمد خان ۾ ڄاوا هئا. جيڪو ڪوهستان جي ضلعي دادو ۾ هڪ ڳوٺ آهي.

پرائمري تعليم ٽاڊ احمد خان مان لهڻ بعد مئٽرڪ جو امتحان ١٩٦٤ع ۾ ڪوٽڙي هائي اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪيائون.

پاڻ بي. اي آنرس ١٩٧٠ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائون، پاڻ سنڌ جي نامور ملڪ گهراڻي سان تعلق ٿا رکن.

١٩٧٢ع ايم. اي ۾ پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪيائون پاڻ

همعمر لا جا شاگرد آهن، تنهن سان گڏ زميندار به آهن سندن خيال روشن آهن.

"لا" جي شاگرد جي حيثيت سان سندن چوڻ آهي ته مستقبل ۾ شاگرد جي ڪلهن تي قوم جو بار آهي الهيءَ ڪري کين گهرجي ته تعليم تي چڱي طرح سان ڌيان ڏئي، جيئن اڳتي هلي هو قوم جي صحيح نمائندگي ڪري ۽ کين ٻري ڀلي جي سڃاڻ هئڻ گهرجي ۽ کين کپي ته هو پنهنجو وقت اجايو نه وڃائي ۽ پنهنجو وقت تعليم پرائڻ ۾ صرف ڪري. کين غلط ليڊرشپ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ جوش کان گهٽ هوش کان وڌيڪ ڪم وٺن.

## پناڻي:

سندن چوڻ آهي ته پناڻي جو ڪلام جامع آهي سندن ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت آهي. کين شاهه صاحب جو هي بيت تمام گهڻو پسند آهي.

الله اچن اڄ. جن آئي مُن سرهو ٿئي.
(شاهه)

## هاري:

ملڪ صاحب جو چوڻ آهي ته اسان جي هاري پاڻ کي محنت ڪرڻ گهرجي.

موجوده حڪومت طرفان جيڪي زرعي اصلاحات ڪيا آهن تن مان هو پورو پورو فائدو وٺن ۽ هاري جي محنت سان ئي هن ملڪ جي معيشت وڌيڪ مضبوط ٿيندي جنهن ۾ سڄي قوم جو ڀلو آهي.

محنت ڪرڻ سان هاري به خوش ته زميندار به خوش. هاري ۽ زميندار ٻنهي کي گهرجي ته هو پنهنجا پنهنجا

فرض جيڪي مٿن عائد آهن ۽ جن لاءِ هو اخلاقي طرح ٻڌل سي نه وسارين ۽ هڪ پاڪيزه ۽ سٿرو تعلق ۾ برقرار رکن جنهن ۾ ٻنهي جي ڀلائي ۽ بهتري آهي ۽ ٻنهي ڌرين کي جي ترقي الهي تعلق ۾ آهي.

# حاجي عبدالله خان هاليپوٽو

حاجي عبدالله ولد حاجي احمد خان هاليپوٽي جنم سال ١٩٣٢ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ محمد پڇل هاليپوٽا ماليءَ ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم ٽنڊو غلام علي مان حاصل ڪئي. سندن والد ١٩٣٦ع ۾ وفات ڪئي ۽ حاجي عبدالله خان پنهنجي آبائي ملڪي زميداري کي لڳي ويا.

## سماجي ڪم:

حاجي صاحب کي عام ڀلائي جي ڪمن سان تمام گهڻي دلچسپي آهي. هو غريب ماڻهن جا ڪم پنهنجي هٿان خرچ ڪري به ڪندو آهي. ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ سندس اصول رهيو آهي، ان کان سواءِ ڪپڙي موري جهڙا چورن ۽ پاڙيدارن جو اڏو هو، انهن چورن ۽ پاڙيدارن کي گرفتار ڪرائي اهڙي طرح سان سندس ڳوٺ ۾ چورن جو خاتمو آيو.

جيئن ته صاحب جن چيئرمين به رهي چڪا آهن ۽ سندن ايا مڪاري ۾ ڪيترائي سڌاري جا ڪم ٿيا ۽ سندن يونين ڪائونسل مشهور يونين ڪائونسل هئي.

حاجي صاحب کي آبادگاري سان سٺو لڳاءُ آهي ۽ آبادي جي سٺي صلاحيت جي ڪري تمام گهڻي ترقي

ڪٽي اٿن. ۽ پنهنجو سمورو وقت عوامي ڀلائي جي ڪمن ۽ آبادڪاري تي صرف ڪندو آهي. پاڻ هڪ ڳوٺ پنهنجي نالي سان ڪچري موري وٽ ٻڌايو اٿس جيڪو ڏسڻ وٽان آهي ۽ انهيءَ ڳوٺ ۾ پنهنجي خرچ سان ۴۰ دڪان غريب ماڻهن کي ٺهرائي ڏنا اٿس تنهن کان سواءِ هڪ اسڪول ۽ مسجد بہ ٺهرائي اٿن.

## شاگرد:-

هالپوٽي صاحب چوڻ آهي تہ اڄ جي شاگرد کي گهرجي تہ هو پنهنجو سمورو ڌيان تعليم تي ڌيان ڏين جيئن تہ هو آئينده جا اڳواڻ آهن جنهنڪري منجهن سٺي تعليم هوندي تہ هو صحتمند شهري بڻجي معاشري جي خدمت ڪندا ۽ پوءِ قوم مٿن ناز ڪندي.

## شاهہ پڙهائي:

شاهہ صاحب بابت هالپوٽہ صاحب جو چوڻ آهي تہ شاهہ صاحب سنڌ جا مقبول شاعر ٿي گذريا آهن ۽ هر هڪ ماڻهن شاهہ صاحب جو احترام ڪري ٿو، شاهہ جو ڪلام هر هڪ ماڻهو جي رڳ-رڳ ۾ سمايل آهي.

ڪين شاهہ صاحب جو بيت وڏيڪ پسند آهي
ماڻهو سڀ نہ سهڻا. پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي-
(شاهہ)

## هاري:

هاري کي گهرجي تہ جيترو ٿي سگهي زراعت کي ترقي وٺائي اسانجو ملڪ زرعي آهي سندس دارومدار زراعت ۽ هاري تي آهي- جنهنڪري اسان جي ملڪ جي

زراعت سڌريل هوندي ته اسان جو شمار سٺن ايگريڪلچرل ڊولپڊ ڪنٽريز ۾ ٿيندو.

اهڙيءَ ۾ هاري به خوش ته ملڪ جا ماڻهو به خوشحال تنهنڪري هاري کي گهرجي ته هو محنت ڪري ۽ محنت ۾ ئي سندس ٻچن جو روشن مستقبل سمايل آهي.

# جناب محمد ابراهيم خٽڪ صاحب



جناب خٽڪ صاحب ولد محمد حسن خان خٽڪ ١٦ مئي ١٩٢٩ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ لال بخش خان خٽڪ ۾ پيدا ٿيا.

شروعاتي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ ديني تعليم مولوي محمد هاشم ڪٽي وٽ غلام الله مدرسي ۾ حاصل ڪئي.

سنڌ ان جو روح آهي ۽ سنڌ ان زندگي جي هر شعبي مان گذريل آهي.

پاڻ محنتي ماڻهو آهن سنڌ ان جو روح آهي ۽ ڪتبن پڙهي ۽ تعليم سان گهڻو لڳاءُ آهي.

## شاگرد

سندن چوڻ آهي تہ اسان کي پنهنجي ڌرتي سان محبت آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ انگريزي پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو نافرمان ٿيو وڃي. پر اهو غلط آهي. اهو فقط مختلف ذهنن ۽ سوچن جو فرق آهي. جتي علم ۾ عزت آهي سا جهالت ۾ نہ آهي.

ٻار چون ٿا تہ علم پرايو قوم ملڪ جي خوشحالي لاءِ ٻاڻ پتوڙيو. مائٽن استادن ۽ وڏن جو احترام ڪريو.

## شاهہ پٺائي

اطيفي لات کي ساراهيندي خٿڪ صاحب چون ٿا تہ پٺائي صاحب پنهنجي ڪلام کي املهہ ماڻڪ موتين جو هار بنايو آهي. جيڪو هميشہ اسان جي دلين ۾ ياد رهندو. پٽ ڌڻي هڪ وڏو بزرگ ۽ عالم دين هو.

خٿڪ صاحب کي هي بيت گهڻو پسند آهي.

جي تو بيت ڀانيا سي آيتون آهن
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.
(شاهہ)

## هاري:

هاري لاءِ خٿڪ صاحب جو چوڻ آهي تہ اسان جي هاري کي جيڪا زمين آهي جنهن ۾ سندس روزي لڪيل آهي هو تنهن تي محنت ڪري ۽ ان کي بنائي. ڪمس سستي ۽ ڪاهلي کان پري رهڻ گهرجي.

سستي ۽ ڪاهلي کي پٺائي صاحب بہ سخت ننڌڪاريو آهي.

جيئن سنڌين فرمان آهي ته:

ستا اٿي جاڳ، لڌئين نه ڪجهه اُتري

(شاهه)

سو تنهن وانگر محنت ۾ ئي هاري جو ڀلو، ۽ اسان جي ملڪ ۽ قوم جو ڀلو آهي.

# قاضي عبدالقدوس راڄڙ

قاضي عبدالقدوس راڄڙ صاحب ٻارهين مئي ۱۹۳۵ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ڪنڀري ۾ ڄائو هو جيڪو تعلقو ڪپرو ضلعو سانگهڙ ۾ آهي.

## ابتدائي تعليم:

پنهنجي ڳوٺ مان مئٽرڪ ميرپورخاص هاءِ اسڪول مان ۱۹۵۵ع ۾ بي- اي ۱۹۶۰ع ۾ ايم- اي ۱۹۶۴ع ۾ ايل- ايل- بي پاس ڪئي.

۱۹۶۴ع ۾ پاڻ ڪپري جا چيئرمين بنا مقابلي چونڊيا ۽ پنهنجي چيئرمين دوران پاڻ کي قاضي صاحب هڪ نهايت ئي سماجي ڪارڪن ثابت ڪري ڏيکاريو.

## سماجي ڪم:

پاڻ ڪپري جي غريب آباد ڪالوني ناهڻ ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي ۽ سندن ڪوشش سان الهيءَ ڪالوني لاءِ جيڪا زمين هٿ ڪئي ويئي. ۱۵ پئسا في فوٽ جي حساب غريب ماڻهن کي انهن کان سواءِ سندن ڪوششن سان ڪپرو وارن تعليم ٺيو، ڪپري ۾ لائبرري سينٽرل ڪلب ۽ تعليمي ڊسپينسري لاءِ پلاٽن جو هٿ ڪرڻ انهن کان سواءِ ڪپرو شاپنگ سينٽر ۽ بس اسٽينڊ وغيره ٺهرائڻ ۾ به سندن گهري دلچسپي هئي پاڻ ڪپري هاءِ اسڪول جا لائيف ميمبر آهن ۽ انهن سان گڏوگڏ اعزازي ٽيچر ٿي ڪپري هاءِ

پراڻن طريقن کي ترڪ ڪري نون طريقن سان زمين کي آباد ڪن.

جيئن ته قديم زماني کان وٺي هاري ۽ زميندار جو پاڻ ۾ سماجي ۽ معاشي ناتو رهيو آهي. جنهن ڪري هاري ۽ زميندار پنهنجن کي گهرجي ته هو پنهنجا تعلقات توازن ۾ رکن ۽ پنهنجي زمين تي توجهه ڏين.

# محترم غلام حسين پلي



غلام حسين پلي ولد خانصاحب عبدالرحمان پلي ۱۹۵۰ ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي اڙڏاڪرم ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺان ۽ مشترڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي آبائي پيشي زميداري کي لڳي ويا.

## شاگرد:

جيئن ته غلام حسين خان تارو تعليمي ماحول مان نڪري پنهنجي زراعت جي واڌاري ۾ لڳي ويا آهن ۽ باقي تارو شاگردي واري دور مان گذري چڪا آهن سندن چوڻ آهي ته اسان جي شاگردن کي گهرجي ته هو پنهنجو سمورو ڌيان تعليم تي ڏين. جهيڙن فسادن کان پرهيز ڪن.

## سماجي ڪم:

جيئن ته سندن والد خان صاحب عبدالرحمان پلي ۳۱ آڪٽوبر ۱۹۷۳ تي وفات ڪئي ۽ والد جي وفات کان پوءِ غلام حسين خان جي دستاربندي مخدوم سجاده نشين ملتان واري ڪئي. سندن والد جا قائم ڪيل ڪيترائي مدرسا آهن ۽ غلام حسين خان انهن مدرسن جي سنڀال ۽ ڪيترن غريب شاگردن جي هر وقت مدد ڪندا رهن ٿا. سي پنهنجي ماڻهن کي پنهنجي خرچ تي حج ڪرائيندا آهن. ان کانسواءِ ڪيترين ئي اسڪالرشپون شاگردن کي ڏين ٿا.

## شاه پڙهائي:

شاه سائين بابت غلام حسين خان جو چوڻ آهي ته پڙهائي پياري جو ڪلام جامعيت سان ڀر آهي ۽ انهيءَ جامعيت ۾ محبت پيار وطن جي حب آهي. شاه صاحب جهڙي هستي دنيا ۾ ڪا ورلي هوندي. کين شاه سائين جو هي بيت وڌيڪ پسند آهي.

تـو در آيس دانهڙا ڪري اوڳڻ آهـار
جي تو رسڻ سندي روح ۾ - مرن پڻي ڏاه پتار
صاحب لڳ ستار - ميٽ مدايون منهنجيون
(شاه)

هاري کي مخاطب ٿيندي غلام حسين خان جن جو چوڻ آهي ته هاري کي گهرجي ته محنت ۽ دلچسپي سان فصل اپائي ۽ حڪومت جي زرعي اصلاحن مان فائدو وٺي. جيئن ته اسان جو ملڪ زرعي آهي ۽ اسان کي زراعت جي ضرورت آهي. هاري کي پنهنجي ملڪ کي زراعت ۾ خود ڪفيل ڪرڻ لاءِ محنت ۽ صرف محنت ئي ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ سندس، اولاد ۽ ملڪ جو ڀلو آهي.

# محترم شفيع محمد ساند



جناب شفيع محمد ساند صاحب جن ٢٠ آڪٽوبر ١٩٣٩ ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ جان محمد ساند ۾ پيدا ٿيا. سندن والد صاحب جو نالو جان محمد صاحب جن هو ۽ سندن ساند قوم جي چڱن مڙسن ۾ آهي. جناب شفيع محمد ساند صاحب جن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺان حاصل ڪئي مئٽرڪ نارو شاه هاء اسڪول ۽ بي. اي سول اين. اي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج مان ڪئي.

## سماجي ڪم

جيئن ته ساند صاحب جن کي پنهنجي قوم ساند قوم کي ايڪي ڪري ان جي فلاح و بهبود لاءِ ٺاهه ٺوس خيال اڀريو ۽ انهيءَ جذبي تحت انهن هڪ تنظيم نالي "سنڌ ساند تنظيم" جو بنياد وڌو.

ان کان سواءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ جان محمد ساند مڊل اسڪول نالي قائم ڪرايو ۽ حيدرآباد ۾ لطيف آباد يونٽ

رکي ٿو. ٻئي طرف فرض کان به غافل نه آهي. هن کي هاڻ وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي ۽ ڪمس ملاڻ عوامي حڪومت جي زرعي مرڪزن مان ٻورو ٻورو فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ هو ٻنهي ملڪ ۽ قوم جي ترقي لاءِ قدم وڌائي، جنهن ۾ سنڌس قوم جو راز سمايل آهي.

# جناب عبدالله چنا



جناب عبدالله چنا صاحب جن سن ۱۹۰۲ع ۾ ٺهڙي ڳوٺ ڀاٽ ضلع دادو ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم ڀاٽ ۾ ۱۹۲۱ع ۾ سنڌ مدرسه ڪراچي مان ميٽرڪ پاس ڪئي. ۾ بي. اي عليڳڙهه يونيورسٽي ۾ ڪئي. تنهن بعد ۱۹۲۷ع ۾ مختيارڪار ٿيا. تنهن بعد پاڻ مير بنده علي خان ٽالپور وزير اعليٰ سنڌ جا پرائيويٽ سيڪريٽري ٿيا. ۱۹۶۲ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيا. ۱۹۶۸ع ۾ پاڻ سنڌ لا ڪاليج ٺاهيو ۽ الهي سوسائٽي جا پاڻ چيئرمين ٿيا. ۱۹۶۹ع ۾ سروي ڪمشنر ٿيا. سنڌ جوڌپور جي حدبندي ڪري رپورٽ پاڪستان سرڪار کي موڪلي ته ڪڇ رڻ جو اڌ اسان جو آهي.

۱۹۵۰ع ۾ ڪين ڪليڪٽر ڪيو ويو. تنهن دوران پاڻ ڪيترائي زنانه مردانه انگريزي اسڪول قائم ڪيا. جيڪي خانگي طرح هلايا ويندا هئا.

**هاري:**

چنڊ صاحب چيو ته اسان جي هاري کي گهرجي ته هو پنهنجي زمين تي وڏي محنت ڪري ۽ پنهنجي هاريءَ سان گڏوگڏ پنهنجي، خالي وقت ۾ ڪمس پاڻ کي ڪنهن ٻي هنر يا ڌنڌي ۾ سمڙائي اهڙي طرح سنٺس زندگي بهتر نموني ۾ گذاريندي.

# مرحوم بيگم زينت عبدالله چنه



بيگم زينت عبدالله چنا صاحب جن هينئر اسان وٽ موجود نه آهن مگر هن سنڌ جي عظيم ليڊي جا عظيم خيالات جيڪي مون وٽ محفوظ آهن سي آءٌ پڙهندڙ حضرات جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو. (مصنف)

بيگم صاحب جن سال ١٩١٩ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ سيوهڻ ۾ پيدا ٿيون ۽ ابتدائي تعليم سيوهڻ ۾ ڪري بعد ٽريننگ ڪاليج فار وومين حيدرآباد مان وڌيڪ تعليم پرائي بعد سيوهڻ پرائمري اسڪول جون هيڊ مسٽريس ٿيون انهي عهدي تي ١٠ سال ڪم ڪيائون.

١٩٤٤ع ۾ سندن شادي جناب عبدالله صاحب چنا جن سان ٿي.

مرحوم بيگم صاحب جن کي اها آرزو هوندي هئي ته جيڪڏهن ساڻن وقت يار ڏنو ته ٻار عورتن لاءِ هڪ

ڪالهه ٻڌم لاهيج ڪنهن، آئون اگهاڙي آهيان
تو جهڙو مون وٽ ڪونه ڪو، مون جهڙيون تو وٽ لک،
ٻاجهن ڪرم ٻڪ، آئون اڳي ئي عاجز آهيان
(شاهه)

بيگم عبدالله چنه صاحبه جن سنڌ جي بلند پايه جي خاتون، جنهن نياڻين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ سڀڪجهه ڪيو، تنهن جي وفات جي ڪري علمي ۽ صحافت جي حلقن ۾ هڪ خال الائي ڪڏهن ڀر ٿيندو.

شال کين الله تعاليٰ جوار رحمت ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ سندن ٻارن کي صبر جميل عطا فرمائي.

# جناب سائين محمد اسماعيل منگريو صاحب



منهنجو محبوب ۽ مشفق استاد جنهن منهنجي قدم قدم تي رهنمائي ڪئي اها هستي جناب محمد اسماعيل منگريو صاحب جن آهن.

منگريو صاحب جن ۱۴ آگسٽ ۱۹۲۸ع ۾ حيدرآباد ۾ پيدا ٿيا، سندن جنم هڪ غريب گهراڻي ۾ ٿيو، ننڍي هوندي کان وٺي کين اهي خيال هوندا هئا ته جيڪو انسان ايمانداري، نيڪ نيتي، سچائي سان الله تعاليٰ تي توڪل رکي محنت ڪندو سو آخر ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن پنهنجي منزل مقصود تي ضرور پهچندو هڪ غريب خاندان

مگرئي صاحب جي هر وقت اها دعا آهي ته سنڌ جا ٿر ۽ بر گهٽ ۽ گهٽڙ ميدان ۽ ٽڪر الله تعاليٰ جي ڪرم سان شاد ۽ آباد رهندا جيڪڏهن اسان ۾ اتحاد محبت جو صحيح جذبو هوندو ته اسين ۽ اسانجي پاڪ سر زمين (پاڪستان) ترقي ڪندو.

# محترم غلام شبير ٽنيو (ماما)



جڏهن ڪنهن محفل ۾ ڪو ذڪر ڇڙيو ته هڪ ته پي ڳالهه ڇڙجي ويندي اها محفل، ادبي هجي يا سماجي اهو ذڪر محترم غلام شبير ٽنيي صاحب جو هوندو، ٽنيي صاحب جو جنم ٢٧ سيپٽمبر ١٩٤٧ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ پريو ٽنيي تعلقه ڪنڊيارو ضلع نوابشاهه ۾ ٿيو. سندن والد صاحب جو نالو جناب واحد بخش صاحب هو. غلام شبير صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ مان مشترڪه حالاهرڻ جي ڊي. سي هاءِ اسڪول مان پرائي بي. اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج ايم. اي سنڌ يونيورسٽي ۽ لا جا ٻه سال سنڌ لا ڪاليج مان پاس ڪيا.

واضح رهي ته سنڌ لا ڪاليج جا ٽئي صاحب جن صدر به رهي چڪا آهن.

پاڻ زندگي ۾ ڪيترائي ڏک ڏٺا آهن، سندس چوڻ آهي ته جڏهن هو سيڪنڊري تعليم وٺندو هو تڏهن هو مزدوري ڪندو هو، تغاريون کڻي پنهنجو پيٽ گذر ڪندو هو، مال چاريندو هو، مئٽرڪ کان پوءِ حيدرآباد ۾ آيو ۽ هتي اچي سندس ذات واري هڪ آفيسر وٽ گهر جي نوڪري ڪرڻ لڳو ۽ پڙهڻ لڳو، پهريان استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ هاڻي ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن آهي.

سندس چوڻ آهي ته ڪيس اهو مرتبو محنت سان حاصل ٿيو.

## سماجي ڪم:

ڳوٺ جي پوره عوامن جي مدد ۽ انهن جي ٽهل ٽڪور. ڪراچي ۾ جڏهن جنرل سيڪريٽري ڪاليج ۾ پنهنجي شاگرد برادري لاءِ هاسٽل وٺي ڏيڻ ۽ اسڪالرون وٺي ڏيڻ.

پاڪستان ڊولپمينٽ گروپ جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان غريب ۽ بيمار ماڻهن جي لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ لا ڪاليج جي، شاگردن لاءِ پوئر بوائز فنڊ وغيره جمع ڪرڻ ۽ لا ڪاليج جي هاسٽل منظور ڪرائڻ جيڪا اڃا تائين تيار نه آهي.

پاڻ اڃا تائين غريب شاگردن کي فيون ۽ ڪتاب ڏيندا رهن ٿا.

## شاگرد:

شاگرد پاڻ کي مخاطب ٿيندي چون ٿا ته شاگرد کي پنهنجي محنت ۽ قابليت سان اڳتي وڌڻ، پنهنجو سمورو ڌيان تعليم ۾ ڏين. ڪن نئي تعليم تي ڌيان ڏين اسلامي-عوامي حڪومت جي ڏنل سهولتن مان مڪمل فائدو حاصل ڪن، باقي تعليم دوران عملي سياست کان پري رهن، ڪن تعليم جي جنهن شعبي سان دلچسپي هجي تنهن ۾ هو مهارت حاصل ڪن، اهي (شاگرد) نوجوان ئي آهن جن-جي ڪلهن تي آئيندي جو بار اچڻو آهي، وڏن جو احترام، استاد جو احترام، مائٽن جو احترام مٿن لازم آهي تنهن کان سواء تنظيم به شاگردن لاء ضروري آهي.

## شاه پڻاڻيءَ:

شاه جو ڪلام سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن کي اجاگر ڪري ٿو اهو اسان لاء آئينو آهي، شاه جي ڪلام پڙهڻ سان اسانکي پنهنجو خامين ۽ خوبين نظر اينديون، شاه جو ڪلام حب الوطني زندگي ۾ اوچ نيچ جي تميز سڪاري ٿو دنيا وي ڦير گهيرن کان پاسي رهڻ جي تلقين ڪري ٿو شاه جو ڪلام عظيم سرمايو آهي ۽ هي اهو سرمايو آهي جنهن کي سنڌ قومون ڏسي ۽ وري ڪر موڙي جاڳي اٿن ٿيون.

شاه جي ڪلام کي باقي ههمه عقيدت جي

سان ڏنو اٿس ڇاڪاڻ جو شاه سائين خود پنهنجي ڪلام ۾ فرمايو آهي ته.

جـــي تـو ٻنڌڻ پـــاليا ســي آئون آهيان
ليو مـــنهن لائين پريـــان سندي پـــار ڏي
(شاه)

# مولا بخش "منبر" ڪنڀاڙ



مولا بخش ڪنڀاڙ ولد ڪرمداد خان ڪنڀاڙ ۲۱ ڊسمبر ۱۹۴۹ ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ موسيٰ خان ڪنڀاڙ ۾ پيدا ٿيو. جيڪو حيدرآباد شهر کان ۱۲ ميل پري آهي. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺان ۽ مشترڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان ۱۹۶۸ ۾ پاس ڪئي بي. اي ۽ ايم. اي سنڌ يونيورسٽي ۽ ايل. ايل. بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ڪري رهيو آهي. مولا بخش صاحب جو چوڻ آهي ته اسان جي قوم ڪنڀاڙ تعليم ۾ صفا پوئتي پيل آهي ۽ ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا شخص اڃا تائين تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن

جنهن لاءِ ڀٽائي صاحب خود فرمايو آهي تہ:

سيوا ڪر سمونڊ جي جتي جر وهي ٿو جال
جي ماسو ملئي مـال تـہ ٻيڙا ٻــر ٿين.
(شاهہ)

لطيف سائين منهنجي والد صاحب جو مرشد آهي، ۽ منهنجو روحاني رهبر آهي.

سندس ڪلام جو آئون ٻانهو آهيان، سندس ڪلام منهنجي سيني ۾ گهر ڪيل آهي، لطيفي لات جو تذڪرو منهنجي من ۾ مثل ۽ سيني ۾ سيتل آهي، منهنجي مرشد ڀٽائي سائين جا بيت ڳالهين جون لڪيرون آهن، مون کي شاهہ جو رسالو سڄو پسند آهي مگر هي بيت وڌيڪ پسند اٿم ڇاڪاڻ جو هن بيت ۾ محبت ۽ امن آهي ۽ امن سان عالم قائم آهي محبت سان ئي هي دنيا وجود ۾ آئي.

ولــر ڪيو وڻن - پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
ڏســو ڏيکارين - ماڻهان مت گهڻي.

# جناب ميان بخش ”عاجز“
# آرائين صاحب



جناب ميان بخش ”عاجز آرائين ولد رئيس احمد علي خان آرائين ۱۰ فيبروري ۱۹۵۴ع ۾ سندس اباڻي ڳوٺ حمات

کان آرائين ۾ تولد ٿيو.

شروعاتي تعليم سندس ڳوٺ ۾ ۽ مئٽرڪ ١٩٦٩ع ۾ گورنمينٽ پراونشل لائيزڊ هاءِ اسڪول مٽياري مان ڪئي. ان بعد ١٩٧٣ع ۾ گورنمينٽ مسلم سچل سرمست ڪاليج مان بي. اي جي ڊگري حاصل ڪئي. ۽ هن وقت حيدرآباد سٽي گورنمينٽ لا ڪاليج ۾ ايل. ايل. بي ڪري رهيو آهي.

جناب آرائين صاحب تمام خوش طبع ۽ يار واس ماڻهو آهي. پهرازي جي غريب ڳوٺاڻن جو خاص همدرد ۽ پالڻ پاليو آهي.

هن وقت آرائين صاحب سندس شهر ۽ افسانن سان آراسته ٿيل هڪ ڪتاب "ماڊرن عشق" لکي رهيو آهي. جو جلد اوهان مهربانن جي نظر ٿيندو.

آرائين صاحب ايل. ايل. بي ڪرڻ بعد ڪيس وڪالت ڪرڻ جو ارادو آهي. ۽ سندس خاص پروگرام، پنهنجي آرائين برادري کي هڪ ڪرڻ ۽ سندس ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ جو ارادو آهي.

## شاگردن کي پيغام:

جناب آرائين صاحب اڄ هڪ جيڏن شاگرد ڀائرن کي صلاح ڏيندو چئو ته هو پنهنجي پوري طاقت تعليم لاءِ لڳائي آڏو جوڳو قدم کڻن ۽ سياست کان بلڪل پاسو ڪن.

جيڪڏهن شاگرد پاڻ سياست کان لتا رهي سگهن ته بهتر آهي ڪنهن جي بوچاري ٿمن جهڙي گندي سياست کي ڇڏي غريبن ۽ مظلومن جا ڏک، درد ونڊي سگهن مدد ڪن. اهائي سڀ کان بهتر سياست آهي .

# ڪتاب "هوندا سي حيات" بابت هڪ رايو

مسٽر مولا بخش ڪنڀار "مهر" اهڙن نوجوانن مان آهي جن کي تعليم سان گڏ پنهنجي ملڪ سان خاص محبت آهي، پاڻ هن وقت بي. ايل. ايل. بي ۾ تعليم وٺي رهيا آهن ۽ اهڙن مشغولين مان وقت بچائي نهايت ڪوشش ۽ جانفشانيءَ سان سنڌو ڪان مذ مذهبن جون سوانحون، انٽرويو ۽ ڊرامو هڪ مجموعي ۾ شايع ڪيا آهن، جنهن ڪري هيءَ نه هن عام ماڻ جي مطالعي لائق آهي، بلڪ ڪتاب اعليٰ تعليم وٺندڙ اعليٰ امتحان ڏيندڙ نوجوانن لاءِ سنڌس مطالعي مفيد معلوما مهيا ڪندو.

اڄ ڪلهه مهانگائي ايڏي نه زرو آهي جو ڪو ڪتا ڇپائڻ نهايت مشڪل ڳالهه آهي ۽ ڪنڀار صاحب کي آفر آهي جو ايڏي همت ڪئي اٿس.

يقين آهي ته سنڌ جا اهل علم به هن ڪتاب ک تحسين جي نگاهه سان ڏسندا ۽ قدر ڪندا.

٢٨ آگسٽ سنه ١٩٧۴ع

محمد عثمان ڏيپلائي